Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com
جلد :11 | خميس 10 آگسٽ 2023 ع بمطابق 22 محرم الحرام 1445ھ | شمارو: 291 | قيمت 10 رپيا

ووٽ ڏئي ڪامياب ڪيو، سڄي ملڪ جي غريبن کي گھر ٺهرائي ڏيندس: بلاول ڀٽو زرداري

سموري ملڪ جي غريب ماڻهن کي زمين جا مالڪاڻا حق ڏينداسين، اڄ ڪانپوءِ گھوٽڪي سردارن جو نه پر غريب عوام جو آهي

جيڪڏهن مستقبل ۾ موقعو مليو ته هو سڄي پاڪستان ۾ هر ڪچي آبادي کي پڪي گھر ۽ زمين جو مالڪ بڻائڻ جو منصوبو ٺاهيندس

ڪجهه سال اڳ هڪ بزرگ وزيراعظم 50 لک گھر ٺهرائي ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو، پر هو هڪ به گھر نه ڏئي سگھيو، پر اسان گھر ٺاهڻ شروع ڪيا آهن

بلاول ڀٽو زرداري گھوٽڪي ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي ڪيمپس ٺاهڻ جو به اعلان ڪيو ۽ وڏي وزير کي هدايت ڪئي ته اِهو ڪيمپس جلد ٺاهڻ گھرجي

بلاول ڀٽو زرداري وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ صوبائي وزيرن سان گڏ سکر ايئرپورٽ پهچڻ بعد گھوٽڪي ڊگري ڪاليج جي اسپورٽس ڪامپليڪس پهتو

بلاول ڀٽو زرداري ٻوڏ متاثرن ۾ گھرن جي مالڪاڻن حقن جون سندون ورهايون

گھوٽڪي (رپورٽر) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پاڪستان جي عوام ووٽ ڏئي ڪامياب ڪيو ته سموري ملڪ جي غريبن کي گھر ٺهرائي ڏيندسهن چيو ته سموري ملڪ جي غريب ماڻهن کي زمين جا مالڪاڻا حق ڏينداسين، اڄ ڪانپوءِ گھوٽڪي سردارن جو نه پر غريب عوام جو آهيگھوٽڪي ۾ ٻوڏ متاثرن کي گھرن جا مالڪاڻا حق ڏيڻ واري تقريب کي خطاب دوران بلاول چيو ته سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

گھوٽڪي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هڪ عورت کي گھر جي مالڪاڻي حقن جي سند ڏئي رهيو آهي

9 مئي رياست ۽ آرمي چيف خلاف سازش ڪئي وئي: وزيراعظم

پاڪستان ۾ 35 سالن تائين مارشل لا رهيو، ڪجهه سالن تائين ريموٽ ڪنٽرول به رهيو، شرم ٿو اچي ته بنگلاديش به اسان کان اڳتي نڪري ويو

ملڪ کي پيرن تي بيهارڻ لاءِ فوج سميت سمورين ڌرين کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو، وفاق ۽ صوبن کي وڇوٽيون ختم ڪرڻيون پونديون

پي ٽي آءِ چيئرمين پيچ ڊاهه لاءِ جتا تيار ڪيا، 9 مئي واري سازش ڪامياب ٿئي ها ته پاڪستان جي خوفناڪ صورتحال هجي ها

جنرل(ر) باجوه ۽ ڪور ڪمانڊر ملتان جو به ٿورو ادا ڪريان ٿو، شازيه مري، شيري رحمان جو به ٿورو ادا ڪريان ٿو، پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو بهترين ڊپلوميسي ڪئي

16 مهينا اهڙي قسم جي چئلينجن جو مقابلو ڪيو، مهانگائي جو طوفاني اچان تائين رڪجڻ جو نالو نٿو وٺي: وفاقي ڪابينا جي الوداعي اجلاس ۽ قومي اسيمبلي ۾ ڌار ڌار خطاب ڪندي

اسلام آباد: (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته 9 مئي تي رياست ۽ آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير خلاف سازش ڪئي وئي، سازش ڪامياب ٿئي ها ته ان جا نتيجا ايترا خطرناڪ هجن ها جنهن جو سوچي به نٿو سگھجي. قومي اسيمبلي جي الوداعي اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته 11 اپريل 2022 تي قومي اسيمبلي اسان تي ڀروسو ڪيو هو. مدو مڪمل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف قومي اسيمبلي ۾ الوداعي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌ ۾ باقي ٽن صوبن کان وڌيڪ ڪم ڪيو آهي: مراد شاهه

سنڌ حڪومت جيترا ڪم ڪيا آهن، اُهي ڳڻڻ کان گھڻا آهن

بلاول پاڪستان ۾ اينڌڙ 30 سالن تائين وزيراعظم طور عوام جي خدمت ڪندو

ڏينهن بعد اسان وٽ عهدا نه رهندا، اسان وري به عوام آڏو پيش ٿينداسين

گھوٽڪي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه دعويٰ ڪئي آهي ته سنڌ ۾ باقي ٽن صوبن کان وڌيڪ ڪم ڪري ڏيکاريو آهي، تنقيد ڪندڙ پلي اچي ڏسي وڃنگھوٽڪي ۾ جلسي کي خطاب دوران وڏي وزير چيو ته سنڌ حڪومت جيترا ڪم ڪيا آهن، اُهي ڳڻڻ کان گھڻا آهنجلسي دوران بلاول کي بريفنگ ڏني وئي گھوٽڪي ۾ 17 هزار گھرن لاءِ پئسن جي منظوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

گھوٽڪي: سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌ هاءِ ڪورٽ: ڊي سي صالح پٽ کي پاڻيءَ جي لنگھن تان بند هٽائڻ جو حڪم

گھوٽڪي واسي محمد عظيم مهر ۽ ٻين جي داخل درخواست تي سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ ۾ ٻڌڻي ٿي

درخواستن تي جسٽس محمد اقبال ڪلهوڙو ۽ جسٽس ارباب علي هڪڙو تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ ٻڌڻي ڪئي

صالح پٽ ۾ بااثرن پاران هٿرادو بند ڏئي پاڻي جي قدرتي لنگھن تي رنڊڪون وڌيون آهن: وڪيل قربان ملاح

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ پاران ڊي سي ۽ اي سي صالح پٽ کي پاڻيءَ جي قدرتي لنگھن تان بااثرن جا بند هٽائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهيگھوٽڪي واسي محمد عظيم مهر ۽ ٻين جي داخل درخواست تي سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پاڪ فوج دشمن جي ناپاڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائڻ لاءِ هر وقت تيار آهي: آرمي چيف

پاڪ فوج دشمن جي ناپاڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائڻ جي صلاحيت رکي ٿي: جنرل عاصم منير

آرمي چيف جنرل عاصم منير جهلم ويجھو ٽلا فيلڊ فائرنگ رينج جو دورو ڪيو: آءِ ايس پي آر

آرمي چيف لانگ رينج ايس ايچ 15 آرٽلري گنن جي شوٽنگ ۽ جديد هٿيارن جي نمائش جو به مشاهدو ڪيو

راولپنڊي: آرمي چيف جنرل عاصم منير کي جهلم ويجھو ٽلا فيلڊ فائرنگ رينج جي دور دوران بريفنگ ڏني پئي وڃي

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو آهي ته پاڪ فوج دشمن جي ناپاڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائڻ جي لاءِ هر وقت تيار آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

جبران ناصر کي پرڏيهه وڃڻ کان روڪڻ تي ڌرين کي نوٽيس

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سماجي ڪارڪن جبران ناصر کي پرڏيهه وڃڻ کان روڪڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پيمرا جو ترميمي بل 2023 متفقه طور منظور

بل جي ڪيترين ئي شقن ۾ تبديليون ضروري هيون: مريم اورنگزيب

صحافتي تنظيمن ۽ ميڊيا جي نمائندن جي مشاورت سان ترميمون ڪيون ويون آهن

مشاورت ڪانپوءِ مس انفارميشن ۽ ڊس انفارميشن کي بل ۾ شامل ڪيو ويو آهي

اسلام آباد (م د) وفاقي سرڪار سينيٽ کانپوءِ قومي اسيمبلي مان به پيمرا جو ترميمي بل 2023 متفقه طور منظور ڪرائي ورتووفاقي وزير مريم اورنگزيب پيمرا جو ترميمي بل پيش ڪندي چيو ته بل جي ڪيترين ئي شقن ۾ تبديليون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سنڌسماءَ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب

پي ٽي آءِ چيئرمين کي سزا ٻڌائيندڙ جج برطانيه ۾ پريشانين کي منهن ڏيڻ لڳو

پي ٽي آءِ ڪارڪنن کي جتي به جج همايون دلاور ملي ٿو ته هو انهي کي گهٽ وڌ ڳالهائين ٿا

هڪ موقعي تي فاضل جج جي هڪ عورت سان منهن ماري پڻ ٿي

لنڊن (م د) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان کي توشه خانه ڪيس ۾ سزا ٻڌائيندڙ جج همايون دلاور برطانيه ۾ پريشانين کي منهن ڏيڻ لڳو آهي، جج همايون دلاور فيصلو ٻڌائڻ کان پوءِ برطانيه جي دوري تي آهي جتي هن يونيورسٽي آف بل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

باجوڙ حملي ۾ ٽي ٽي پي ۽ داعش جي ملوث هجڻ جو انڪشاف

ڪارروائي ۾ 8 سهولتڪارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي: ڊي آءِ جي سي ٽي ڊي خيبرپختونخواهه

علي مسجد حملي جي منصوبه بندي ننگرهار ۾ تيار ڪئي وئي

پشاور (م د) ڊي آءِ جي سي ٽي ڊي خيبرپختونخواهه چيو آهي ته باجوڙ حملي ۾ ٽي ٽي پي ۽ داعش جي ملوث هجڻ جون شاهديون مليون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سانگھڙ ويجهو ڇتي ڪتي ٻن معصوم ٻارڙن کي ڏاڙهي رتورت ڪري ڇڏيو

سانگھڙ (رپورٽر) سانگھڙ ويجهو ڳوٺ رحيم خان مري ۾ ڇتي ڪتي گھر ۾ گھڙي ٻن ٻارڙن کي ڏاڙهي وڌو، ڇتي ڪتي اڍائي سالن جي محمد عديل ۽ محمد شريف مري جا منهن ڦٽي ڇڏيانهي ٻارڙن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، سول اسپتال سانگھڙ ۾ ويڪسين نه هجڻ سبب زخمي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پوليس عملدار جي پگھار بند ڪرڻ جو حڪم، ايس ايڇ او کي شوڪاز

خيرپور (رپورٽر) خيرپور جي عدالت منشيات ڪيس ۾ فريادي جي مسلسل غيرحاضر رهڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ايس ايس پي خيرپور کي حڪم جاري ڪيو آهي ته اي ايس آءِ جو پگھار بند ڪيو وڃيخيرپور جي سول جج عبداللطيف ڏاهاڻي جي عدالت شاهه حسين ٿاڻي جي منشيات ڪيس جي فريادي اي ايس آءِ شاهد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪارنهن الزام هيٺ اغوا بعد قتل ڪيل نوجوان جا وارث انصاف لاءِ دربدر

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻو جي سچل ٿاڻي جي حد مان 7 مهينا اڳ مبينا ڪارنهن الزام هيٺ اغوا بعد بيدرديءَ سان قتل ڪيل نوجوان علي احمد بروهي واري ڪيس ۾ ملوث شڪ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف وارثن پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيومقتول نوجوان جي ڀيرسن امڙ نور بيبي پنهنجي پٽن ابوبڪر ۽ پاءِ علي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

عمران خان ۽ جيل اهلڪار جي مبينا ڪوڊ ورڊ گفتگو جو انڪشاف

اٽڪ (م د) اٽڪ جيل ۾ قيد پي ٽي آءِ چيئرمين سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

”درسي ڪتاب ڏيو“ نصيرآباد ۾ شاگردن ۽ استادن جو ڌرڻو

نصيرآباد (رپورٽر) نصيرآباد ۾ درسي ڪتابن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

مدئجي: پراڻي تڪرار تان جوڻيجا ۽ ڪلهوڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ فائرنگ، 7 ڄڻا مارجي ويا

مدئجي (رپورٽر) مدئجي جي ڪچي واري علائقي ۾ ڪلهوڙا جوڻيجا برادري وچ ۾ خوني تڪرار تان فائرنگ دوران ٻنهي ڌرين جا 7 ڄڻا مارجي ويا آهن. مرزاپور جي ڪچي واري علائقي ۾ جوڻيجا ۽ ڪلهوڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيوجنهن ۾ ٻنهي ڌرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جا مرڪليل ڪتاب تعليم کاتي عملدارن جي سستي سبب ويئرهائوسن ۾ پيل هجڻ جو انڪشاف

بورڊ جي ٽيمن ڇاپا هڻي ويئرهائوسن ۾ ڪتابن جو اسٽاڪ موجود هجڻ ۽ ٻارڙن تائين ڪتاب نه پهچڻ جو راز فاش ڪري ڇڏيو

فوري طور تي ڪتاب ٻارن تائين پهچايا وڃن ته جيئن ڪتابن جي کوٽ وارين شڪايتن جو جلدي ازالو ٿي سگھي: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ انتظاميا

ڄامشورو (رپورٽر) سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جا مرڪليل ڪتاب تعليم کاتي جي عملدارن جي سستي سبب اُجا تائين سنڌن ويئر هائوسن ۾ پيل هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي ٽيمن ڇاپا هڻي ويئر هائوسن ۾ ڪتابن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڊاڪٽر طاهر القادري پاران سياست ڇڏڻ جو اعلان

مان پنهنجو فرض پورو ڪري ڇڏيو، هاڻ مان مطمئن آهيان: ڊاڪٽر طاهر القادري

مان 22 ڪروڙ عوام کي آواز ڏنا، مون پنهنجن ڪارڪنن کي عوام جي حقن خاطر شهيد ڪرايو

مون ايترو ٻڌائي ڇڏيو آهي، هاڻ منهنجو ضمير مطمئن آهي، هاڻ مان سياست تي ڪو به بيان نٿو ڏيڻ چاهيان: پريس ڪانفرنس

پاڪستان عوامي تحريڪ سربراهه ڊاڪٽر طاهر القادري

لنڊن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان عوامي تحريڪ (پي اي ٽي) جي سربراهه ڊاڪٽر طاهر القادري پاڪستاني سياست کان ڌار ٿيڻ جو اعلان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

انٽربينڪ ۾ ڊالر 288 سطح تي پار ڪري ويو

600 رپين جي گھٽتائي ڪانپوءِ 2 لک 21 هزار 100 رپيا رهيو

سون جي 10 گرام جو اگھه 514 رپين جي گھٽتائي ڪانپوءِ هڪ لک 89 هزار 558 رپيا رهيو

ڪراچي (رپورٽر) انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 19 پئسا مهانگو ٿي 288.10 رپيا تي ويو ڪالهه انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 287.91 رپين تي بند ٿيو ان کان علاوه ملڪ ۾ سون جو في تولو اگھه گذريل ڏينهن 600 رپين جي گھٽتائي ڪانپوءِ 2 لک 21 هزار 100 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي يونيورسٽي ۾ ٻن شاگرد ڌرين ۾ جهيڙو: سريا لڳڻ سبب 5 شاگرد زخمي

زخمي ٿيل شاگردن ۾ اعجاز سولنگي، واجد ڪچي، ڪاشف شر، سرمد ابڙو ۽ زبير ڀٽو شامل

مذهبي تنظيم جي شاگرد ونگ جي ڪارڪنن اوچتو حملو ڪيو: زخمي ٿيل شاگرد

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي يونيورسٽي ۾ ٻن شاگرد ڌرين ۾ جهيڙي دوران لوهي سريا لڳڻ سبب 5 شاگرد زخمي ٿي پيا آهنزخمي ٿيل شاگردن ۾ اعجاز سولنگي، واجد ڪچي، ڪاشف شر، سرمد ابڙو ۽ زبير ڀٽو شامل آهن سنڌن چوڻ آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

اينڌڙ ڪجهه ڏينهن ۾ عوام روسي تيل مان فائدو وٺندو: مصدق ملڪ

پيٽروليم واري مملڪتي وزير جي حيثيت سان وزيرمون کي تمام گھڻو سپورٽ ڪيو

14 مهينن ۾ سسٽم ۾ روزانو 164 ملين ڪيوبڪ فوٽ گئس شامل ڪئي

جيڪڏهن ايل اين جي ڪارگو مهانگو آهي ته ان ڪارگو کي ڇڏي ڏئي سگھون ٿا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پيٽروليم واري مملڪتي وزير مصدق ملڪ چيو آهي ته روسي تيل جو عوام کي اڃا ڪو به فائدو ناهي ٿيو پر اينڌڙ ڏينهن ۾ اچي ويندو اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مصدق ملڪ چيو ته پيٽروليم واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

گھرو وزير کانپوءِ دفاع واري وزير به عام چونڊون 2023 ۾ نه ٿيڻ جا امڪان ظاهر ڪري ڇڏيا

مون کي نٿو لڳي ته چونڊون جنوري 2024 ۾ ٿي وينديون: خواجه آصف

جيڪو به نگران وزيراعظم هوندو اهو اسان جي ڀروسي جو ماڻهو هوندو، ان جو فيصلو ٿي ويندو

هن وقت نگران وزيراعظم جا خواهشمند تمام گھڻا ماڻهو آهن ماڻهن کي لڳي ٿو ته نگران سيٽ اپ ڊگھو هلندو

اسلام آباد (م د) وفاقي گھرو وزير راڻا ثناءالله کان دفاع واري وزيرخواجه آصف به عام چونڊون 2023 ۾ نه ٿيڻ جا امڪان ظاهر ڪري ڇڏيا آهن، نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي دفاع واري وزيرخواجه آصف چيو ته مون کي نٿو لڳي ته چونڊون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

وفاقي گھرو وزير راڻا ثناءالله ۽ دفاع واري وزير خواجه آصف (فائيل فوٽو)

مهراڻ يونيورسٽي جي هائوسنگ سوسائٽي تي قبضو: سيڪريٽري کان جواب طلب

رجسٽرار، ڊپٽي رجسٽرار ۽ عملدار لکين رپيا ڀتو طلب ڪن ٿا: ملازم

هائوسنگ سوسائٽي جي اڪائونٽ ۾ ڪروڙين رپيا رقم موجود آهي: وڪيل جو موقف

حيدرآباد (رپورٽر) مهراڻ يونيورسٽي ايمپلائيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي ڄامشورو تي قبضي وارو معاملو عدالت پهچي ويو سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ سيڪريٽري سنڌ کان 16 آگسٽ تائين جواب طلب ڪري ورتو آهيڪوآپريٽو سوسائٽي جي چيئرمين محمد علي راڄپر، عبدالقيوم، محمد بخش ۽ ٻين وڪيل فرهاد علي ابڙو معرفت پٽيشن داخل ڪرائي هئيدرخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو هو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

حڪومت سنڌ جو تاريخ ساز فيصلو
بي گھر ٻوڏ متاثرين لاءِ گھر جي تعمير مالڪاڻا حقوق سان گڏ
حڪومت سنڌ ٻوڏ کان متاثر
20 لک
کان وڌيڪ گھرن جي نئين سر تعمير لاءِ
رقم جي فراهمي سان گڏ وگڏ مالڪاڻا
حق ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي
سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ ٻوڏ کان متاثر خاندانن کي مالڪاڻا حق ڏيڻ کان پوءِ
چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري
ضلعي گوٺڪي ۾ به انهن کي مالڪاڻا حق ڏئي نئين سر تعمير جو آغاز ڪري ڇڏيو آهي
خدمت
۾ سڀ کان اڳتي
سنڌ
SPHF
Sindh People's Housing for Flood Affectees
INF/KRY/3549/2023

نوشهروفيروز ۾ پوليس پاران ڌوهارين خلاف سخت ڪارروايون، 65 جوابدار گرفتار

ڊي ايس پي مورو يار محمد رند جي اڳواڻي ۾ پوليس ٿاڻن مختلف علائقن ۾ ڪارروايون

جوابدارن جي قبضي مان 12 موٽرسائيڪلون هٿيار ۽ روڪ رقم هٿ ڪري ڪيس چالان ڪيو ويو

گاڏيون به مالڪن حوالي ڪيون ويون ۽ ڌوهارين خلاف ڪارروايون ڪندڙ جوانن ۾ ايوارڊ ۽ انعام پڻ ورهايا

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ايس ايس پي نوشهرو فيروز ريٽائرڊ ڪيپٽن صدام حسين خاصخيلي ڊي ايس پي آفيس مورو ۾ ميڊيا اڳيان پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته مورو سب ڊويزن ۾ ڊي ايس پي مورو يار محمد رند جي اڳواڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: ايس ايس پي صدام خاصخيلي پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

تنڊو مستي لڳ حاجي غيب پرسان لعل بخش ڪانڊرو واسي پورهيت فوت، ٻيو زخمي

تنڊومستي (رپورٽر) تنڊو مستي لڳ حاجي غيب پرسان لعل بخش ڪانڊرو واسي ٽريڪٽر ٽرالي تي وڃي رهيا هئا ته ٽريڪٽر جي اوچتو ڊرائي راڊ ٽٽڻ سبب ڌماڪي سان ٻه اڌ ٿي پيو جنهن سبب ٽريڪٽر ڊرائيور نمائش علي ڪانڊرو ۽ عابد علي ڪانڊرو سخت زخمي ٿي پيا جنهن کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ سول هاسپيٽل خيرپور نيو ويو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪمن تي عمل نه ڪرڻ خلاف درخواست جي ٻڌڻي، ڪيس سيشن ڪورٽ منتقل

صلاح الدين پنهور تي ٻڌل بئنچ سيشن ڪورٽ کي ڪيس هلائڻ ۽ فريادي ڪورٽ طرف وڃڻ جا حڪم

تشدد وگهي ماريل سهيل مغيري جي امڙ زينب خاتون پاران سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڊائريڪٽ اپيل داخل ڪرائي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪمن تي عمل نه ڪرڻ خلاف درخواست جي ٻڌڻي، مسٽر جسٽس صلاح الدين پنهور تي ٻڌل بئنچ پاران سيشن ڪورٽ کي ڪيس هلائڻ ۽ فريادي/ پٽيشنر کي ڪورٽ طرف وڃڻ جا حڪم. پٽيشن/ درخواست جي پيروي ڏاهي قانون دان منظور حسين ڪوسي ڪئي. تفصيل مطابق مارچ 2018ع ۾ ايس ايس پي رضوان جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهرو فيروز جي اسڪولن ۾ درسي ڪتابن جي کوٽ، اختياريون خاموش تماشائي

تعليم جي واڌاري جون ڳالهيون ڪندڙ حڪومت جا وزير ڪاٿي آهن: پير مظفر حسين

عبدالستار پنان پريا جي صدر غلام مطفي سولنگي ممتاز راڄپر آفتاب مورو جي اڳواڻي ۾ احتجاج

70 سيڪڙو اسڪولن کي درسي ڪتاب نه ملڻ ڪري تعليم جو ٻيڙو ٻڏل آهي، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ضلعي نوشهرو فيروز جي سمورن اسڪولن ۾ درسي ڪتابن جي کوٽ ويڪيشن جو موڪلون گذرڻ کان پوءِ سنڌ سرڪار اسڪولن تائين ڪتاب پهچائڻ ۾ ناڪام ضلعي صدر پير مظفر حسين جي اڳواڻيءَ ۾ ڊي اي او آفيس اڳيان ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي 5ئي تعلقن جي صدر ن تعلقي موري جي صدر سيد نظير شاهه ڪنڌيارو جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز: درسي ڪتاب نه ملڻ خلاف استاد احتجاج ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻو ميونسپل ڪارپوريشن طرفان رٽائرڊ ملازمن ۾ گريجوئيٽي جا چيڪ ورهايا ويا

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻو ميونسپل ڪارپوريشن طرفان ميونسپل ڪارپوريشن جي رٽائرڊ ملازمن توڙي سندن گهر ڀاتين ۾ گريجوئيٽي چيڪون ورهائڻ توڙي مون سون برساتن ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ ملازمن کي مڃتا ايوارڊ ڏيڻ واري تقريب بيگم نصرت ڀٽو هال ۾ ڪرائي وئي جنهن ۾ چيئرمين پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٿرپارڪر جي تاريخ ۾ پهرين پيرو عورت ڊسٽرڪٽ وائس چيئرپرسن ڪملا ڀيل جي مان ۾ آجياڻو

وائيس چيئرپرسن ڪملا ڀيل ڳوٺ سرهياري، ڳوٺ انڙو، آڏي جو تڙ ۾ برادري پاران آجياڻو فراهم ڪيو ويو

آصف علي زرداري بلاول ڀٽو زرداري، فريال ٽالپر ۽ پي پي سموري قيادت جي انتهائي شڪرگذار آهيان: ڪملا ڀيل

قيادت جي نقش قدم تي هلندي عوام جي خدمت کي اڳتي وڌائيندس ۽ پنهنجي عوام سان هر قدم تي ساٿ ڏيندس

مٺي (رپورٽ صادق بجير) ٿرپارڪر جي تاريخ ۾ پهرين پيرو عورت ڊسٽرڪٽ وائس چيئرپرسن ڪملا ڀيل جي مان ۾ مختلف ڳوٺن ۾ آجياڻو ڏنو ويو ضلع ڪائونسل ٿرپارڪر وائيس چيئرپرسن ڪملا ڀيل ڳوٺ سرهياري، ڳوٺ انڙو، آڏي جو تڙ ۾ برادري پاران وائس چيئرپرسن ٿيڻ جي خوشي ۾ رکيل آجياڻي تقريب ۾ شرڪت ڪئي انهي موقعي تي ڳالهائيندي ضلع وائس چيئرپرسن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٽنڊو باگو ۾ ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعليٰ پاران رينوويشن ٿيل عمارتن جو جائزو

محتسب اعليٰ گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول ٽنڊو باگو جي رينوويشن ٿيل عمارتن جو جائزو ورتو

سنڌ گورنمينٽ تعليم جي بهتري لاءِ سارا جوڳا قدم کڻي رهي آهي: منظور علي سومرو جون ڳالهيون

سماجي اڳواڻن کي تعليم جي بهتري لاءِ اڳتي اچي سمورن تعليمي ادارن جي مالڪي ڪرڻ گهرجي

ٽنڊو باگو (رپورٽ :- سهيل سمون) ريجنل ڊائريڪٽر بدين صوبائي محتسب اعليٰ منظور علي سومرو پاران گورنمينٽ بوائز (مين) پرائمري اسڪول ٽنڊو باگو ۽ گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول ٽنڊو باگو جي نئين رينوويشن ٿيل عمارتن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٽنڊو باگو: صوبائي محتسب اعليٰ سرڪاري اسڪول جو دورو ڪري رهيو آهي

بدين ۾ مڇرن جو عذاب گهٽڻ تي ويو، مليريا جا مريض وڏي انگ ۾ اسپتال ۾ پهچي ويا

بدين (رپورٽر) بدين ۾ مڇرن جو عذاب تمام گهٽڻ تي ويو آهي ڏينهن جي وقت به ماڻهن کي مڇر ڪائڻ لڳا پوري بدين ۾ مڇرن جي عذاب سبب عوام جي گهوڙا گهوڙا ڪير هڻڻ وارو نه آهي خبر موجب هن وقت بدين جي سرڪاري توڙي پرائيويٽ اسپتالن ۾ مليريا جا مريض وڏي انگ ۾ رپورٽ ٿيا آهن بدين ۾ ڪجهه هفتا اڳ برسات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ميرپور ساڪرو جي ديهه ڪڪڙاند ۽ ديهه ماڪيارو جي رهواسي لڏيا شاخ جي رهواسين پاران احتجاج

شاخ ۾ غيرقانوني ڪٽ، ڊڪا، لفٽ مشينون ڪيرائي پاڻي کي پوڇڙ تائين پهچائڻ لاءِ مظاهرو ڪيو ويو

لڏيا شاخ جي گذريل 10 سالن کان وٺي صفائي نه ٿيڻ ڪري پاڻي ٽيل تائين نٿو پهچي: مظاهرين جو الزام

غيرقانوني ڪٽ، ڊڪا ۽ لفٽ مشينون ڪيرائي ڪيرائي، پاڻي جي وارابندي ختم ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

ٺٽو (رپورٽر) تعلقي ميرپور ساڪرو جي ديهه ڪڪڙاند ۽ ديهه ماڪيارو جي رهواسي لڏيا شاخ جي ڪيترن ئي رهواسين آبادگار پاڻي جي کوٽ، شاخ تي لڳل غيرقانوني ڪٽ ڊڪا، لفٽ مشينون ڪيرائي پاڻي کي پوڇڙ تائين پهچائڻ لاءِ هڪ احتجاجي مظاهرو پريس ڪلب مڪلي تي آبادگار اڳواڻ ممريز خان، علم الدين رند، رسول بخش، بابو اوپايو دولت، جان محمد، شير شاهه، حاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

آل سنڌ ايگريڪلچر ٽريڊ يونين فيڊريشن سنڌ پاران سياسي ڀرتين ۽ مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

سکر بئراج کان چيف انجنيئر سکر بيئراج ۽ گڊو بيئراج جي آفيسن تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

صوبائي اڳواڻ ميان عبدالرحيم يارو اقبال لاڙڪاڻو برفت شعيب ۽ ٻين پاران مظاهري کي خطاب ڪيو ويو

سياسي بنيادن تي ڀرتيون شروع ڪري ميرٽ ۽ ڪانٽريڪٽ جي ڀڃڪڙي ڪئي پئي وڃي: ميڊيا سان ڳالهيون

سکر (بيورو رپورٽ) آل سنڌ ايگريڪلچر ٽريڊ يونين فيڊريشن سنڌ پاران آبپاشي کاتي سنڌ ۾ مبينه سياسي ڀرتين ۽ مطالبن جي مڃتا لاءِ سکر بئراج کان چيف انجنيئر سکر بيئراج ۽ گڊو بيئراج جي آفيسن تائين احتجاجي ريلي ڪڍي سکر بيئراج ۽ چيف انجنيئرن جي آفيسن آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو ريلي دوران ٽريفڪ جي آمد و رفت معطل ٿي وئي. جڏهن ته ريلي ۾ شريڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

احتجاج
مزدور اتحاد زنده آباد
سکر: آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونين فيڊريشن پاران ريلي ڪڍي پئي وڃي

سنڌ جو مشهور ملهه پهلوان غلام حسين اکين جو نور ختم ٿيڻ ڪري سخت پريشان

غلام الله (رپورٽر) سنڌ جو مشهور ملهه پهلوان غلام حسين شيدي هن وقت اکين جو نور ختم ٿيڻ ڪري سخت پريشان واري حال ۾ آهي. ثقافت کاتي توڙي سرندي وارن سندس سار نه لڌي ثقافت کاتي کي واهر جي اپيل. تفصيل موجب هن سنڌ ڌرتي پنهنجي ڪک مان هزارين اهڙن جوڌن ۽ انمول انسانن کي جنم ڏنو آهي جن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٽنڊو غلام حيدر پرسان ڳوٺ ميهار خان لغاري جي بوائيز ايليمينٽري اسڪول جو ڪم رولڙي جو شڪار

گورمنٽ بوائيز ايليمينٽري اسڪول جي بلڊنگ جو ڪم گذريل ست سالن کان رولڙي جو شڪار ٿيل آهي

ٺيڪيدار 2016 ۾ بلڊنگ جو بنياد ڀري وڃڻ ڪانپوءِ فرار ٿي ويو، ريلي ڪڍي مين روڊ تي احتجاج ڪيو ويو

اسان جي اسڪول جي بلڊنگ جو ڪم بنياد ڀرڻ کان پوءِ اڳتي نه وڌي سگهيو آهي: ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهيون

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ ميرحسن رند) ٽنڊو غلام حيدر پرسان ڳوٺ ميهار خان لغاري جي گورمنٽ بوائيز ايليمينٽري اسڪول جي بلڊنگ جو ڪم گذريل ست سالن کان رولڙي جو شڪار، ٺيڪيدار 2016 ۾ بلڊنگ جو بنياد ڀري وڃڻ ڪانپوءِ فرار ٿي ويو. ٻارڙن جو والدين سميت احتجاجي ريلي ڪڍي مين حيدرآباد بدين روڊ تي ڌرڻو هنيو ويو ڳوٺائن ۽ شاگردن ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٺٽون ڪوٽ ۾ عطائي ڊاڪٽرياڻي جي مبينا غفلت سبب وير عورت فوت

نجي اسپتال ۾ وير دوران فوت ٿي ويل عورت ۽ ٻار واري مامري جي ڪا به اڳيرائي نه ٿي

ٻه جانيون ضايع ٿيڻ باوجود هيلٿ ڪيئر ڪميشن به ڪا ڪاروائي نه ڪئي اسپتال کليل رهي

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) ٺٽون ڪوٽ ۾ عطائي ڊاڪٽرياڻي جي مبينا غفلت سبب وير دوران فوت ٿيل عورت ۽ ٻارڙي واري مامري ۾ ڪا اڳيرائي نه ٿي، ٻه جانيون ضايع ٿيڻ باوجود هيلٿ ڪيئر ڪميشن به اک نه پٽي، فوتي عورت ۽ ٻارڙي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز جي مختلف سرڪاري کاتن ۾ گريڊ هڪ کان چار جا انٽرويو هلندڙ

ماحوليات جي تحفظ واري کاتي جي ضلعي آفيس ۾ اميدوارن جا انٽرويوز اڄ ٿي گذريا

ريجنل انچارج شهيد بينظير آباد گل امير سنبل ۽ ضلعي انچارج اسدالله ٿيٻو اميدوارن جا انٽرويو ڪيا

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز جي مختلف سرڪاري کاتن ۾ گريڊ هڪ کان چار (نان ٽيڪنيڪل) جي جاين لاءِ انٽرويوز 11 آگسٽ تائين جاري رهندا. ان سلسلي ۾ ماحوليات جي تحفظ واري کاتي جي ضلعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز: هڪ کان 4 گريڊ تائين اميدوارن کان انٽرويو ورتا پيا وڃن

سکر ۾ ڏوهي وارداتن تي ڀهريان کان وڌيڪ ڪنٽرول ٿيو آهي: ايس ايچ او عبدالخالد ڏاهري

نوجوان ۽ دلير آفيسر آهي ڊي آئي جي سکر جاويد سونهارو جسڪاڻي به بهترين آفيسر آهي

ڪنهن کي به ڪا شڪايت هجي ته رابطي ۾ اچن شهرين کي تحفظ ڏيڻ فرضن ۾ شامل آهي

سکر (بيورو رپورٽ) پوليس جي اعلا قيادت جي حڪمت عملي سبب سکر ۾ ڏوهي وارداتن تي ڀهريان کان وڌيڪ ڪنٽرول ٿيو آهي. اي سيڪشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

اوباوڙو ويجهو آءِ بي اي اسڪول لانگهو روڊ وٽان هٿياربندن پاران ڦرلٽ

حاجي شوڪت رند کان هٿياربند 22 ماڊل سي ڊي موٽر سائيڪل ڦري ويا

راڻو خان رند صدام رند، رفيق رند، ذوالفقار رند شوڪت رند ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

اوباوڙو (رپورٽ غلام علي رند) اوباوڙو ويجهو آئي بي اي اسڪول لانگهو روڊ وٽان حاجي شوڪت رند کان 2 بجه موٽر سائيڪل ڦر تفصيل موجب ايس ايس پي گهوٽڪي جا اعلان هوا ۾ اڏامي ويا ضلع گهوٽڪي جو امن تباهه حاجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

جهڏو ۾ پورهيت تي حملو ڪرڻ جو 7 جوابدارن مٿان ڪيس داخل

بشير ڪالوني جي رهواسي پورهيت اسلم رحماني تي گهر ويندي حملو ڪيو ويو

بشير، حنيف، حمزه عامر، عارف رحماني سميت ست ڄڻن تي واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ۾ پورهيت تي حملو ڪرڻ جو 7 جوابدارن مٿان ڪيس داخل. جهڏو شهر جي بشير ڪالوني جي رهواسي پورهيت اسلم رحمان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

جهڏو: بشير ڪالوني واسي زخمي ٿيل پورهيت اسلم رحماني ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ٺٽي جي فقير ڳوٺ جي رهواسڻ بزرگ عورت پاران گم ٿيل پٽ جي ڳولا لاءِ احتجاج

محمد يوسف جاکرو جي گمشدگي خلاف راڻي جاکرو صحافين سان ڳالهائيندي احتجاج ڪيو

ڪيٽي بندر، ڪاروڇاڻ، شاهبندر، ڪراچي ۽ گوادر ۾ پڻ ڳولا ڪئي آهي پر پتو ناهي پيو: راڻي جاکرو

ٺٽو (رپورٽر) هڪ امڙ جي صدا جيڪا زندگي جي آخري پساهن ۾ خوشيون ڏسڻ چاهي ٿي. ٺٽي لڳ فقير ڳوٺ جي رهواسڻ بزرگ امڙ راڻي جاکرو صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سندس نوجوان پٽ محمد يوسف جاکرو رهندڙ ڳوٺ ايوڙو جاکرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪنڊڪوٽ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد اڪبر خان سهرياڻي ويجهو نوجوان قتل

نامعلوم هٿياربند شاهه رضا ولد اڪرم بجاراڻي کي قتل ڪري آساني سان فرار ٿي ويا

ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ۽ قتل جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو: ذريعن جي دعويٰ

ڪنڊڪوٽ (غالب بلوچ) ڪنڊڪوٽ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد اڪبر خان سهرياڻي پوليس چوڪي ويجهو نامعلوم هٿياربندن پاران شاهه رضا ولد اڪرم بجاراڻي کي قتل ڪري فرار ٿي وياجڏهن ته مقتول جو مڙهه پوليس پاران ڪنڊڪوٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڪنڊڪوٽ: نامعلوم هٿياربندن هٿان قتل ٿي ويل نوجوان جو لاش پيل آهي

ٺٽون ديرو سميت پرپاسي جي علائقن ۾ ڪم ڪندڙ جاکوڙي صحافي سليم رضا جي سالگره

اشوز جي حل لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندڙ ٺٽون ديرو جي صحافي سليم رضا جي سالگره ملهائي وئي

صحافين شاد محمود پٽو، قمرالدين سومرو، خليل الله مڱڻيجو، حسن عابد پٽو ۽ ٻين پاران تقريب منعقد

ٺٽون ديرو (رپورٽ شاد محمود پٽو) ٺٽون ديرو سميت پرپاسي جي علائقن ۾ پٺتي پيل تعليم، بدامني جي زور ۽ مظلوم ۽ بي ٻهج عوام جي آواز کي قلم جي حرمت سان اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ ۽ اشوز جي حل لاءِ ڀرپور ڪردار ادا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

خيرپور لقمان جي نوجوان ناري نوجوان سان پسند جي شادي ڪري ڇڏي

مسمات پٺاڻي ڌي راض محمد سومرو پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو

چاچو خادم سومرو پئسن عيوض نشئي شخص سان شادي ڪرائي رهيو هيو: مسمات پٺاڻي

ٿري ميرواهه (رپورٽر) خيرپور لقمان جي نوجوان ناري تعلقه نارو جي نوجوان سان پسند جي شادي ڪري ڇڏي پريمي جوڙو تحفظ لاءِ پريس ڪلب پهتو ناري مسمات پٺاڻي ڌي راض محمد سومرو پريس ڪلب پهچي ٻڌايو ته منهنجو ٻي اکين کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سرگوڌا جي ناري پنوعاقل جي رهواسي خيرپور جي ڪورٽ ۾ شادي ڪري ڇڏي، تحفظ جي گهر

مريم ولد محمدنور ملڪ پنوعاقل جي رهواسي عبدالشڪور ولد غلام حسين شيخ سان شادي ڪئي

اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺي زندگي بچائين. دربدري واري زندگي گذاري رهيا آهيون: جوڙي جون ڳالهيون

ڪنڌرا (رپورٽر) سرگوڌا جي ناري مريم ولد محمدنور ملڪ پنوعاقل جي رهواسي عبدالشڪور ولد غلام حسين شيخ سان خيرپور جي ڪورٽ ۾ شادي ڪري ڇڏي جنهن کان پوءِ ناري جاماٽ جان جا ويري بڻجي ويا پريمي جوڙو دربدر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ٽنڊو غلام حيدر: ڳوٺ ميهار خان لغاري واسي شاگرد احتجاج ڪري رهيا آهن

ٺلهار لڳ ڳوٺ جيئند خان جمالي جا 2 شاگرد ٽن ڏينهن کان گم، وارثن جو احتجاجي مظاهرو

پيرسن پيءُ اميدعلي عرف حاجن جمالي، ماءُ مسمات سودي ۽ ڀيڻ مسمات جنت جمالي احتجاج ڪيو

15 ساله نينگر اسدعلي جمالي جيڪو ڏهين ڪلاس جو شاگرد آهي گهران اسڪول ويو هيو: وارثن جون ڳالهيون

راڄو خاناڻي ٿاڻي جو وڏو منشي انور جسڪاڻي ۽ سول ڪپڙن ۾ اهلڪار ڪنهي ڪار ۾ وجهي کڻي ويا، نوٽيس ورتو وڃي

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ٺلهار لڳ ڳوٺ جيئند خان جمالي جا ٻه شاگرد ٽن ڏينهن کان گم وارثن پاران راڄو خاناڻي ٿاڻي جي وڏي منشي انور جسڪاڻي تي ڪين ڪنهي گم ڪري پنج لک روپيا ڀنگ طلب ڪرڻ جو الزام تفصيل موجب ٺلهار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

بدين: ڳوٺ جيئند خان جمالي واسي گم ٿي ويل نينگرن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

سنڌو درياءَ ۾ ڪوٽڙي بئراج تي پاڻي وهڪرن ۾ بدستور اضافو جاري

ٺٽو (رپورٽر) سنڌو درياءَ ۾ ڪوٽڙي بئراج تي پاڻي وهڪرن ۾ بدستور اضافو جاري آهي، ڪوٽڙي بئراج تي سنڌو درياءَ ۾ مٿاهون وهڪرو 2 لک 58 هزار 135 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو وهڪرو 2 لک 20 هزار 908 ڪيوسڪ ٿي پهچڻ بعد ننڍي ٻوڏ ڊڪليئر ڪئي ويئي آهي، جڏهن ته گڊو وٽ مٿاهون وهڪرو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٿري ميرواهه ٿاڻي جي حد ڳوٺ الهه آباد جي رهواسين پاران بااثرن خلاف احتجاجي مظاهرو

حاڪم زادي شر، عظيمه خاتون شر، عبدالستار شر پريس ڪانفرنس ڪندي احتجاج ڪيو

نينگر طارق جميل راند ڪيڏندي پنهنجي ئي زمين پرسان بلاول واهه ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو هو: مظاهرين

خيرپور (رپورٽر) ٿري ميرواهه ٿاڻي جي حد ڳوٺ الهه آباد جي رهواسين حاڪم زادي شر، عظيمه خاتون شر، عبدالستار شر پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته علائقي جا بااثر وڏيري جميل شر جو 7 ساله نينگر طارق جميل ڪجهه ڏينهن اڳ راند ڪيڏندي پنهنجي ئي زمين پرسان بلاول واهه ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو هو، جڏهن ته جميل شر اتفاقي فوت ٿيل نينگر واري واقعي کي قتل جو رخ ڏئي بي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سجاول ۾ شاعر، اديب، دانشور ۽ سياسي سماجي اڳواڻ سورج سجاولي جي ورسي ملهائي وئي

شاعر، اديب، صحافي ۽ سياسي سماجي اڳواڻ سورج سجاولي سرويچ جي وڇوڙي کي 2 سال مڪمل

امر شيخ، حسين آزاد، اسد مهراڻوي، واحد سوز ملاح، فريد گل شاعر، اسماعيل سرويچ، نجيب سرويچ شريڪ

پارٽي جا جهنڊا کڻي روڊن تي هلندو هو، هو ڪافي ڪجهه ڪرڻ چاهيو ٿي پر زندگي هن سان وفا نه ڪئي: اڳواڻ

سجاول (رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) سجاول ۾ شاعر، اديب، دانشور ۽ سياسي سماجي اڳواڻ سورج سجاولي سرويچ جي ٻي ورسي ملهائي وئي. سنڌ جو قومي ۽ انقلابي شاعر سرويچ سجاولي جو فرزند شاعر، اديب، صحافي ۽ سياسي سماجي اڳواڻ سورج سجاولي سرويچ جي وڇوڙي کي 2 سال گذري ويا. سندس ٻي ورسي جي موقعي تي گهرڀاتين سميت شاعرن، اديبن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سجاول: شاعر سورج سجاولي سرويچ جي ٻي ورسي ملهائي پئي وڃي

آبپاشي کاتي ۽ سکر انتظاميا جي نااهلي ۽ لاپرواهي سبب واهن جي ڪپرن تي قبضا ٿي ويا

سکر (رپورٽر) آبپاشي کاتي ۽ سکر انتظاميا جي نااهلي ۽ لاپرواهي سبب ڳوٺائن ۽ آبادگارن هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌو درياهه جي ڪناري تي جهوپڙيون ناهي رهائش اختيار ڪري ورتي آهي، سکر ۽ روهڙي درياءَ جي ٻنهي پاسن تي ڪچي گهرن جي اڏاوت شروع ٿي وئي آهي، جنهن ڪري لاڳاپيل کاتن جي ڪارڪردگيءَ تي سواليه/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

آبپاشي کاتي ۽ سکر انتظاميا جي نااهلي ۽ لاپرواهي سبب واهن جي ڪپرن تي قبضا ٿي ويا

سنڌو درياهه جي ڪناري تي جهوپڙيون ناهي رهائش اختيار ڪري ورتي، اختياريون خاموش تماشائي

ٻوڏ جي امڪاني خطرن کي نظر ۾ رکندي ماڻهن جي جان بچائڻ لاءِ درياهه جي بندن کي مضبوط ڪيو وڃي

سکر ۽ روهڙي درياءَ جي ٻنهي پاسن تي ڪچي گهرن جي اڏاوت شروع ٿي وئي آهي، نوٽيس ورتو وڃي: رهواسي

سکر (بيورو رپورٽ) آبپاشي کاتي ۽ سکر انتظاميا جي نااهلي ۽ لاپرواهي سبب ٻين صوبن ۽ ضلعن کان آيل قبضاگيرن هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌو درياهه جي ڪناري تي جهوپڙيون ناهي رهائش اختيار ڪري ورتي آهي. سکر ۽ روهڙي ۾ درياءَ جي ٻنهي پاسن ۽ واهن جي ڪپرن تي ڪچي گهرن جي اڏاوت شروع ٿي وئي آهي، جنهن ڪري لاڳاپيل کاتن جي ڪارڪردگيءَ تي سوالي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ڪراچي ۾ سنڌي شاگرد ست پوليس ڪيس داخل نه ڪرڻ خلاف روڊ بند ڪري ڇڏيو، احتجاج

يونيورسٽي ۾ ديوار تي لکيل شاهه عبداللطيف ڀٽائي جا لکيل بيت ڊاهڻ تان منع ڪرڻ تي حملو ڪيو ويو

جماعت اسلامي جي هٿيارٻندن جو شاگردن تي پسٽل جا بٽ ڏنڊا لوهي شيخون هڻي پنج شاگردن کي زخمي ڪري ڇڏيو

هٿيارٻندن پنجن شاگرد سرمد ابڙو اعجاز سولنگي ڪاشف جاويد مير عالم ۽ واجد ڪچي کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو: اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽر) مبينا ٿاڻي اڳيان سنڌي شاگرد ست پاران پوليس ڪيس داخل نه ڪرڻ خلاف روڊ بند ڪري ڇڏيو ڇتي نعريبازي ڪراچي يونيورسٽي ۾ ديوار تي لکيل شاهه عبداللطيف ڀٽائي جا لکيل بيت ڊاهڻ تان منع ڪرڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪراچي: سنڌي شاگرد ست پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو غلام حيدر پرسان ڳوٺ ميهار خان لغاري جي بوائيز ايليمينٽري اسڪول جو ڪم رولڙي جو شڪار

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽر) ٽنڊو غلام حيدر پرسان ڳوٺ ميهار خان لغاري جي گورمنٽ بوائيز ايليمينٽري اسڪول جي بلڊنگ جو ڪم گذريل ست سالن کان رولڙي جو شڪار. ٺيڪيدار 2016 ۾ بلڊنگ جو بنياد ڀري وڃڻ کانپوءِ فرار ٿي ويو ٻارڙن جو والدين سميت احتجاجي ريلي ڪڍي مين حيدرآباد بدين روڊ تي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪنڊيارو ۾ چنڊڻ پل جي مرامت نه ٿيڻ خلاف آل پارٽيز الائينس پاران احتجاجي مظاهرو

ظفر ڪوسو هارون ڪلهوڙو نجيب مگريو سلطان گهانگهرو انور سولنگي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

چنڊڻ پل زبون حال ٿي وئي آهي ڪيترن ئي شهرن ڳوٺن جا ماڻهو سفر ڪن ٿا: ظفر ڪوسو /هارون ڪلهوڙو

چنڊڻ پل جي زبون حالي جو نوٽيس وٺي مرمت لاءِ قدم کنيا وڃن نه ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو: ڳالهيون

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو ۾ چنڊڻ پل جي مرامت نه ٿيڻ خلاف آل پارٽيز الائنس پاران پل آڏو ٽائر ساڙي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ظفر ڪوسو هارون ڪلهوڙو نجيب مگريو سلطان گهانگهرو انور سولنگي ذوالفقار ملاح ۽ ٻين چيو چنڊڻ پل زبون حال ٿي وئي آهي هن پل سان ڪيترن ئي شهرن ڳوٺن جا ماڻهو سفر ڪن ٿا پل جي مرامت نه ٿيڻ سبب پل سان لوهه ظاهر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

پنگريو ملڪاڻي شريف خيرپور گنبو سانگي ڦرهو سيد سمن شاهه ۾ پاڻي جي کوٽ احتجاج

سانگي ڦرهو سيد سمن شاهه ۾ پاڻي جي سخت کوٽ جي خلاف آبادگارن احتجاجي مظاهرو ڪيو

سنڌ آبادگار تنظيم جي طرفان ٻي ڏينهن به ملڪاڻي شريف ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

ٻوڏ جي تباهي کان پوءِ هن وقت زمينن تي ڪروڙين روپيا خرچ ڪري زمينون تيار ڪيون آهن: مظاهرين

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين ضلع جي پنگريو ملڪاڻي شريف خير پور گنبو سانگي ڦرهو سيد سمن شاهه ۾ پاڻي جي سخت کوٽ جي خلاف آبادگارن جو احتجاجي مظاهرو پاڻي ڏئي هزارين آبادگارن کي معاشي تباهي کان بچائڻ جو مطالبو تفصيل موجب بدين ضلع ۾ سکر بئراج جي پاڻي تي آباد ٿيندڙ پوسي ملڪاڻي شريف خير پور گنبوهه سمن شاهه سانگي ڦرهو ڏيٺي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

بدين: مختلف علائقن ۾ پاڻي کوٽ خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

شاهپور چاڪر جي ڪامل شاهه ڪالوني ۾ گهر ٻاهران بيٺل موٽرسائيڪل چوري

شاهپورچاڪر (رپورٽر) شاهپورچاڪر جي ڪامل شاهه ڪالوني ۾ گهر ٻاهران بيٺل موٽر سائيڪل چور گهر جو دروازو ٻاهران بند ڪري گهرڀاتين کي بند ڪري کاهي ويا. ڏينهن ڏٺي جوچوري جي اهڙي واردات تي شهرين ۾ ٿاءُ پکڙيل آهي چور محرم جهلڻ جي 2011 ماڊل سپر اسٽار موٽرسائيڪل کاهي ويا جنهن جو ٿاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوابشاهه جي ڊي سي پاران جانورن کي مختلف بيمارين کان بچاءَ لاءِ ويڪسينيشن ڪيمپ جو افتتاح

شهريار گل ميمڻ جي هدايتن تي لائيو اسٽاڪ کاتي ايگريڪلچر ٽريننگ انسٽيٽيوٽ جي سهڪار سان ڪئمپ

ويڪسينيشن ڪيمپ ۾ 11 هزار کان وڌيڪ جانورن کي مختلف بيمارين کان بچاءَ لاءِ ويڪسين ڪئي وئي

ڳوٺن کان آيل پالتو جانورن کي ويڪسينيشن ڪئي ۽ بيمار جانورن جو علاج ڪري مفت دوائون تقسيم ڪيون

نوابشاهه (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد شهريار گل ميمڻ جي هدايتن تي لائيو اسٽاڪ کاتي شهيد بينظيرآباد پاران ايگريڪلچر ٽريننگ انسٽيٽيوٽ جي تعاون سان وٽنري اسپتال جام صاحب ۾ جانورن کي مختلف بيمارين کان بچاءَ لاءِ ويڪسينيشن ڪيمپ لڳائي وئي جنهن جو افتتاح ضلع ڪائونسل شهيد بينظيرآباد جي چيئرمين علي اڪبر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

❋❋❋ روزاني سنڌيار ڪراچي سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي ❋❋❋ رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
خميس 10 آگسٽ 2023ع

پاسما جي هوڏ اڳيان بيوس بڻيل سنڌ سرڪار

سنڌ ۾ زرعي شعبي جا بحران ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن. خاص طور تي سنڌ جو شگرڪين بيلٽ مستقل طور تي مسئلن جو شڪار بڻيل آهي. هر سيزن ۾ تڪرار ڪمند جي اگهه تان شروع ٿيندو آهي ۽ وقت تي پيڙائي نه ٿيڻ ۽ آبادگارن جي احتجاجن تي وڃي دنگ ڪندو آهي. سنڌ حڪومت شگر مل مالڪن/پاسما جي اڳيان بيوس هوندي آهي. جيستائين پاسما جو 'راءِ' نٿو ريجهي، تيستائين ڪمند جو اگهه به مقرر نه ٿي سگهندو آهي. جيئن هن سيزن ۾ به ٿي رهيو آهي. سنڌ حڪومت پاران ڪمند جا سرڪاري اگهه مقرر ڪرڻ لاءِ شگرڪين بورڊ جو سڏايل پهريون اجلاس آبادگارن ۽ پاسما وچ ۾ اگهه تي اتفاق نه ٿيڻ سبب بنا نتيجي ختم ٿي ويو آهي. اجلاس ۾ آبادگار تنظيمن پاران اها گهر ڪئي وئي آهي ته، اڳوڻي صدر آصف علي زرداري پاران ڪمند جو اعلانيل اگهه 450 رپيا في مڻ مقرر ڪيو وڃي. اجلاس ۾ پاسما اڳواڻن آبادگارن جي اهڙي تجويز کي رد ڪندي ڪمند جو اگهه 425 رپيا في مڻ مقرر ڪرڻ جي تجويز رکي. جنهن کي آبادگارن مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. شگرڪين بورڊ جي اجلاس ۾ پاسما ۽ آبادگارن ۾ اتفاق نه ٿيڻ سبب سنڌ حڪومت صوبي ۾ ڪمند جو اگهه پنجاب سرڪار جي نوٽيفڪيشن سان مشروط ڪري ڇڏيو.

سنڌ جو زرعي شعبو ڪئين ڏاهڪن کان بحرانن جي ور چڙهيل آهي. هڪ ته پاڻي ٺاهه تحت پاڻيءَ جو منصفاڻو حصو نٿو ملي، پر جيڪا لپ پاڻيءَ جي ملي ٿي، ان جي به آبپاشي کاتي طرفان بهتر ريگيوليشن نه هئڻ جي ڪري سنڌ جي زراعت ڏينهون ڏينهن تباهيءَ جي ور چڙهندي وڃي. پاڻيءَ جي کوٽ سبب آبادگارن کي گهڻي پاڳي ٽيوب ويلن تي پاڙُون پوي ٿو. بجلي ۽ ڊيزل مهانگو هجڻ ڪري فصل تي في ايڪڙ پيداواري لاڳت گهڻي ٿي اچي ۽ حالت اتي وڃي پهچي ٿي جو آبادگار خرچ به نٿا ڪڍي سگهن. نقلي ٻجن، ڀاڻ ۽ جعلي زرعي دوائن تباهيءَ کي ويتر مهميزون هنيون آهن. ان جي باوجود به آبادگار ان اميد سان ته حڪومت زراعت جي بحرانن کي حل ڪندي، زرعي ڪرت جاري رکيو اچن. پر حڪومت زرعي شعبي جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ بنهه ناڪام رهي آهي. پاسما هر سيزن ۾ آبادگارن کي ڪمند جي اگهه مقرر ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻجندي آهي ۽ جڏهن حڪومت ڪمند جو سرڪاري اگهه مقرر ڪندي آهي ته اهو به شگر ملز مالڪ آبادگارن کي ڏيڻ لاءِ تيار نه هوندا آهن. توڙي جو ان سڄي معاملي ۾ حڪومت به هڪ ڌر آهي، جنهن جو ڪم شگرڪين ايڪٽ سميت لاڳاپيل قاعدن ۽ قانونن تي عمل ڪرائڻ هوندو آهي پر سنڌ سرڪار انهن معاملن کان لاتعلق رهندي "پاڻ ۾ ڄاڻو" واري روش اختيار ڪندي آهي. آبادگار ڪمند جي سرڪاري اگهه ڏيارڻ لاءِ احتجاج ڪندا آهن ته انهن تي حڪومت طرفان بدترين تشدد ڪرايو ويندو آهي. هن ڀيري به شگر ڪين بورڊ جي اجلاس ۾ سنڌ حڪومت پاسما اڳيان بيوس نظر اچي رهي آهي ۽ اگهه واري معاملي کي پنجاب جي نوٽيفڪيشن سان مشروط ڪيو ويو آهي. سنڌ ۽ پنجاب جون حالتون بنهه مختلف آهن. سنڌ ۾ فصل جي پيداواري لاڳت وڌيڪ اچي ٿي، جنهن جي سببن جو مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون. ٻيو ته مٺاڻ جي حساب سان سنڌ جو ڪمند اعليٰ درجي جو آهي، ان باوجود به سنڌ جي ڪمند جي اگهه کي پنجاب جي ڪمند جي اگهه واري نوٽيفڪيشن سان مشروط ڪرڻ ڪهڙو تدبر آهي؟ ان جو مقصد پاسما جي هوڏ جي اڳيان ڪنڌ جهڪائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڇا ٿو ٿي سگهي؟

هن سيزن ۾ به سنڌ حڪومت ڪمند جو مناسب اگهه، جيڪو سنڌ جي آبادگارن جي گهر موجب 450 رپيا في مڻ (40 ڪلوگرام) آهي، مقرر ڪرڻ کان ڳوٺنات ڪري آبادگارن کي نقصان ڏئي رهي آهي. هن وقت سنڌ ۾ کنڊ 150 رپيا في ڪلوگرام جي حساب سان وڪرو ٿي رهي آهي. ان حساب سان کنڊ جو في مڻ 6000 رپيا وڪرو ڪيو پيو وڃي پر آبادگارن کي ملز مالڪ ڪمند جو اگهه 450 رپيا مڻ به ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن. جيڪا سراسر ناانصافي آهي. سنڌ حڪومت جي اختيار ڌڻين کي پاسما جي دٻاءَ ۾ اچڻ بدران ڪمند جو في مڻ اگهه 450 رپيا مقرر ڪرائڻ لاءِ تحرڪ وٺڻ گهرجي.

ڇا هي بهتر سياست چاهين ٿا؟

ممتاز منگي

نيشنل اسيمبلي جي اجلاس دوران جيڪي تقريرون ٿيون يا جيڪا قانون سازي ڪندي بل پاس ڪيا ويا، پاڻ ان جي تفصيل ۾ نٿا وڃون. ڇو ته هر روز جي بنيادن تي اهي تفصيل ميڊيا ۾ ايندا رهيا آهن پر پاڻ 7 آگسٽ جي سيشن واري ڏينهن تي پ پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري تقرير ڪندي جيڪو نقطءِ نظر بيان ڪيو، ان ۾ هن پنهنجي پارٽي ۽ پنهنجي سياسي فيصلن جو ڀرپور دفاع ڪندي گڏوگڏ هي به چيو آهي ته، "نواز شريف ۽ آصف زرداري سياست ۾ اهڙو طريقيڪار اختيار ڪن، جو مستقبل ۾ منهنجي لاءِ ۽ مريم نواز جي لاءِ سياست ۾ اهي پيچيدگيون ۽ دشواريون پيدا نه ٿين. بلڪ سياست آسان ۽ سادي هجي. اسان ڪوشش ڪرڻ جي باوجود سياست مان ادارن جو ڪردار ختم ناهيون ڪري سگهيا. ڇا جيئن هي ٽيهه سال سياست جي هيٺ مٿانهين جا گذريا آهن، ايندڙ ٽيهه سال به اهڙي طرح ٿي گذرندا؟.." اها تقرير جن به سياسي سوچ رکندڙ ماڻهن ٻڌي هوندي، يقينن انهيءَ مان ڪجهه اهي هوندا، جن ان تقرير سان همدردانه اظهار ڪندي سپورٽ ڪئي هوندي ۽ ڪجهه جيڪي تاريخ جي تضادن ۽ گهراين جي جدليات مان واقف آهن ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ خود سياست جي مفاد ۽ ٽڪراءَ جي پيچيدگين کي سمجهندي سياسي پارٽين ۽ پارٽي ليڊرن جي ڪردار جي ڄاڻ رکن ٿا ۽ ڪين اها به خبر آهي ته برين حالتن کي بهتر ڪرڻ ۾ سياسي اڳواڻن ۽ پارٽين جو ڪردار ڪهڙو هوندو آهي، بهتر حالتن ۽ بهتر معيشتن کي ۽ ڪنهن حد تائين بهتر سياست کي بري ڪرڻ ۾ ۽ بگاڙڻ ۾ انهن جو ڪردار ڪهڙو ٿو بڻجي؟ يقينن انهن جي ان معصومانه خواهش تي ٿوري مسڪراهٽ به ته گڏوگڏ حيرت به. مسڪراهٽ جو مطلب هي آهي ته موجوده سياسي ليڊر، جن ۾ آصف زرداري، نواز شريف، عمران خان، مولانا فضل الرحمان ۽ ڪجهه ٻيا اڳواڻ اچي ٿا وڃن. ڇا انهن کي پنهنجي سياسي عمل، چالن، ان جي نتيجن، لڪل ۽ ظاهري 'ڪمپرومائيز' ڪرڻ کان پوءِ جي نتيجن جي ڄاڻ ناهي؟ ڇا هو ايترا سادا ۽ معصوم آهن. جو هو سڀ ڪجهه نيڪ نيتن جي بنيادن تي ڪندي حالتن جي جبر هيٺ بيوس بڻجي ٿا وڃن ۽ پنهنجي بهترين عوام دوست نظرين ۽ عملن کي منطقي نتيجن تي پهچائڻ ۾ ناڪام ٿا ٿين؟ ۽ يقينن جڏهن هن ملڪ جي پوري تاريخ سياسي اڳواڻن جون قلابازيون ۽ خود پارٽين جي اندر سندن رويا آڏو ايندا ته پوءِ وڌيڪ مسڪراهٽ ٿي ايندي. جو هو جيڪو ڪجهه ڪن ٿا، اها مجبوري نه پر انهن جي طئي ٿيل سياسي مفادن جو حصو ۽ پلان هوندو آهي ۽ تڏهن ٻي ڪيفيت، جنهن کي حيرت ٿا چئون. اها حيرت سوچيندڙ جي مٿان تڏهن طاري ٿيندي آهي. جڏهن سڀ ڪجهه سمجهڻ جي باوجود چيو وڃي ته هي اڳواڻ ڪجهه بهتر ڪندا. ڇا بلاول ڀٽو سياست جي ان سڄي گورک ڌندي کي نٿو سمجهي؟ ڇا هو هاڻي وڏن مان اها اميد پيو رکي ته هو سياست کي بهتر ۽ آسان ڪندا؟ يا هو پنهنجي گذريل وقت جي ۽ موجوده سياست جي گيم جي نتيجن مان ڪجهه نه ڪجهه باخبر هوندي پنهنجا پلئه معصوميت سان اڄا ڪرڻ ٿو چاهي ته جيڪو ڪجهه ٿيو. انهيءَ ۾ ڪيتري نيڪ نيتي هئي ۽ هاڻي جيڪو ڪجهه ٿيندو (جنهن جا خوفناڪ امڪان موجود آهن) انهيءَ جو ذمو هو پنهنجي مٿان کڻڻ جي لاءِ تيار ناهي. صاف ۽ سڌي حقيقت اهائي آهي ته هي سڀ سمجهن پيا ته موجوده ليڊرشپ جي خانداني ورهاست واري جنريشن جيڪا هاڻي ٽوٽل سياست ۽ حڪمراني جون واڳون سنڀالڻ جي لاءِ رٿن تي سوار ٿي اڳتي وڌي پئي. انهن کي اها سياسي چالن جي گيم ٺيڪ طرح سان سمجهائي وئي آهي ته هو ايندڙ وقت ۾ ڪهڙي ۽ ڪيئن سياست ڪن ۽ يقينن ڪندا. هنن کي پوري طرح سان ڄاڻ آهي ته سياست جي بهتري سياسي اڳواڻ پنهنجي سياسي پارٽين کان شروع ڪندي آڻيندا آهن. سياسي پارٽيون ٿي هونديون آهن. جيڪي پنهنجي عملي جدوجهد سان عوام جي اندر سياسي جاڳرتا پيدا ڪندي انهن ۾ عملي سياست جي سڪيا ڏينديون آهن سماجي بهتري جي لاءِ ۽ حڪمراني جي ڪردار سڌارڻ يعني گڊگورننس جي لاءِ. پارٽي جو ڪردار ان انداز سان جوڙيندا آهن. جو پارٽي ڪارڪنن جي اهليت کي آڏو رکندي سياسي جدوجهد جا هراول دستا نه رڳو پارٽي کي منظم ڪرڻ جي حڪمت عملي اختيار ڪندا آهن پر انهيءَ سان گڏوگڏ اهائي پارٽي پوري سماج جي بدتر ۽ برين حالتن کي بهتر کان بهتر ڪرڻ ۾ پنهنجي حصي جو وڏو تاريخي ڪردار ادا ڪندي آهي. رڳو هڪ پارٽي نه پر اهو ڪلچر جڏهن سياست جي اندر منظم طريقي سان اڳتي وڌايو ويندو آهي ته ٻيون پارٽيون به ان ئي ماڊل کي اپنائيندي سياست جي دنيا ۾ هڪ انقلابي تبديلي آڻينديون آهن ۽ پوءِ عوام دوست ايماندار سياسي پارٽيون ئي معاشري جي ۽ رياست جي پرتن کي سنڀاليندي انهن ۾ بگاڙ ختم ڪندي سڌارا آڻينديون آهن. جڏهن اهڙي قسم جي سياست رياست ۽ سماج جي اندر وڌندي آهي. تڏهن رياست جا ادارا پنهنجي پنهنجي قانوني دائرن ۾ رهندي رياست جي مقرر ڪيل قانون جي پوءِ لڳي ڪندي پاڻ کي دائرن ۾ رکندا آهن. پوءِ رياست جا ادارا اها جرئت ئي ناهن ڪري سگهندا ته هو سياست ۾ مداخلت ڪن. اسان کي پوري سماجي ۽ رياست جي ارتقا جي تاريخ اهو ٺيڪ طرح سان سمجهائي ٿي ته جيستائين سياسي پارٽيون ۽ انهن جي ليڊرشپ پنهنجو عوام دوست ۽ ايمانداري جو ڪردار ادا نه ڪنديون. ان وقت تائين صورتحال بگڙيل ۽ بدصورت ئي نظر ايندي. ڇا بلاول ڀٽو زرداري يا مريم نواز سياسي پارٽي جي جوڙجڪ ۽ انهيءَ جي سماجي ڪردار کان واقف ناهن؟ هو ٺيڪ طرح سان ڄاڻن ٿا ته پارٽي بهتر ڪيئن ٿي سگهي ٿي ۽ پارٽي جو سماجي ڪردار ڪيئن بهتر ٿيندو. پارٽي جي اندر ايماندار ۽ بي ايمان ماڻهو ڪيترا آهن ۽ ڪهڙا ڪهڙا آهن اها ٺيڪ طرح سان انهن کي ايتري ڄاڻ آهي. جيتري هن ملڪ جي صحافين کي يا عوام کي پوري طرح ناهي. ڇو ته مجموعي طور تي عوام تمام پارٽين جي ايماندار ۽ بدنيت ماڻهن مان واقف نٿو ٿي سگهي، هو پنهنجي پنهنجي حلقي جي اندر ته معلومات رکي سگهي ٿو ۽ صوبائي سطح تي هو معلومات ۾ اضافو ڪري سگهي ٿو پر ملڪي سطح تي ڄاڻ عوام کي مجموعي طور تي گڏيل نٿي ٿي سگهي. اها ڄاڻ عوام ۾ علائقائي بنيادن تي ورهايل هجي ٿي. ها پر اهو ضرور ٿيندو آهي ته مجموعي طور ان ڄاڻ کي آڏو رکندي پاڻ هي اندازو لڳائي سگهون ٿا ته جي انهيءَ کي عوام تائين پهچايو وڃي ته ان جا نتيجا بهتر نڪري سگهندا پر الميو هي آهي ته برائي جي سرپرستي جڏهن تمام پارٽين ۾ هڪجهڙي کان وڌيڪ ڪئي وڃي ته پوءِ بهتري جي اميد مايوسي جي ٽياس تي چڙهي ٿي وڃي ۽ پوءِ انهن مان ئي ڪنهن نه ڪنهن جي حمايت ڪرڻ عوام جي مجبوري بڻجي ويندي آهي. بري ۽ بدتر سياست ڪندڙ ليڊرشپ کي اهوئي يقين هوندو آهي ته عام ماڻهو جيڏانهن به ويندو، انهيءَ کي هر جاءِ تي رڍون ٻوٽ ڪاريون ئي نظر اينديون. تنهن ڪري خاندان پرستي ۽ دولت ڪمائڻ جو ذريعو سياسي پارٽين ۾ برقرار رکيو وڃي ٿو. ساڳئي طرح ادارن جو سياسي ڪردار اسان کي اهڙي ئي انداز ۾ نظر ايندو ۽ پوري سياسي ليڊرشپ پنهنجي اقتداري اختيارات جي بنيادن تي وقتي ڪجهه فردن سان اختلاف رکندي، ڪجهه اختلاف ۽ تضاد پيدا ڪن ٿا پر اقتدار جي حاصلات لاءِ وري به انهن ئي ادارن کي استعمال ڪندي پنهنجي اقتدار جي راهه هموار ڪن ٿا. ها فرق هي آهي ته ڪجهه سياستدان پسِ پرده لڪ چوريءَ ۾ اها ڊيلنگ ڪندا آهن ۽ ڪجهه کُلي طريقي سان انهن کان مدد جي گهُر ڪندي نظر ايندا آهن. مثال: جيئن عمران خان پنهنجي اقتدار ۽ اقتدار وڃڻ کان پوءِ ادارن جي طاقت کي پنهنجي حق ۾ آڻڻ جي لاءِ مظاهرا ڪيا ته گڏوگڏ بيان به ڏنا پر اتحادين گهڻو ڪجهه پسِ پرده ڪيو ۽ هاڻي جيڪو ڪجهه ٿيئي پيو. اهو به نظر ٿي اچي ٿو ۽ اهوئي سبب آهي جو هاڻي اسان جو موڪلائي ويندڙ وزير اعظم شهباز شريف پوري اعتماد سان چئي ٿو ته. "مون کي چون ٿا ته مان اسٽيبلشمينٽ جو ماڻهو آهيان. ها مان آهيان ۽ مون کي ان تي فخر آهي". اهي لفظ هاڻي نواز شريف جي لاءِ اڻٽُٽندڙ ناهن. ڇو ته هو پاڻ به ساڳيون ئي چالون هلي پيو. هن وقت ماهر سياستدان انهيءَ کي تصور ڪيو ٿو وڃي. جيڪو ان ڊيلنگ گيم ۾ وڌيڪ سگهارو آهي ۽ وڌيڪ چالون ٿو هلي. پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي ته سياست ۾ بهتري ايندي! ڇا بلاول ڀٽو اها خواهش رکندي ان پوري سياست جي گيم کان پاڻ کي ٻاهر ڪيندو؟ يقينن نه! هي جيڪا سياست چاهين ٿا. اهائي ڪن ٿا ۽ اهائي سياست هنن جي طبقاتي ۽ نظرياتي ضرورت آهي.

جن کي دَوَرُ دَرد جو، سبق سُورَ پڙهنِ؛
فِڪر فَرِهي هٿ ۾، مات مُطالع ڪن؛
پَنو سو پڙهنِ، جنهن ۾ پَسن پِرينءَ کي.

شهيد نذير عباسي جي ورسي جنهن کي موت نه ماريو

طارق امر آريجو

هن ملڪ جي 76 سالن جي تاريخ ۾ فوج سڌي طرح مارشل لا جي صورت ۾ ملڪ مٿان حڪمراني ڪئي آهي، يعني 32 سالن کان ڪجهه وڌيڪ عرصو سڌي ريت فوج ئي اقتدار ۾ رهي آهي. جنهن ۾ جنرل ايوب کان وٺندي جنرل مشرف تائين 4 سڌيون فوجي حڪومتون رهيون آهن. آمريتون پنهنجي جوهر ۾ ته سڀئي هڪجهڙيون عوام دشمن ئي هونديون آهن پر پنهنجي پنهنجي معروضي، موضوعي حالتن جي ڪري ۽ پنهنجي خاص منفي ڪردار جي ڪري ڪي ڊڪٽيٽر پنهنجي ظلم سبب عوام کان مدتن تائين وسري ناهن سگهندا. هر آمر پنهنجي اندر ۾ منفي قدرن جو هڪ مڪمل پندار هوندو آهي پر انهن سڀني ۾ جنرل ضياءَ جو نالو ڪنهن کان به وسري ناهي سگهيو جنهن افغانستان جي ثور انقلاب جي ڪري وڌيڪ طويل 11 سال اقتدار ماڻيو. هن پنهنجي دور ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کان وٺندي شهيد نذير عباسي، شهيد حميد بلوچ ۽ شهيد اياز سمون تائين ڪيئي ڪونڌر مقتل گاهن ۾ موڪليا. هڪ آدرشي انسان جي ڪٽا ڏاڍي اٿانگي هوندي آهي. روپوشيءَ کان وٺندي جيلن جون اذيتون ڀوڳڻ تائين ۽ ان جي بدلي ۾ سماج مان هاڪاري موٽ نه ملڻ به ڪنهن عذاب کان گهٽ ناهي. شهيد نذير عباسي به اهڙن آدرشي انقلابين مان هڪ هو جنهن سرتان سانگو لاهي پورهيتن جي آزاديءَ لاءِ جان جو دان ڏنو هن هڪ عظيم مقصد خاطر مرڪي مرڪي پنهنجو سر ساهه واريو هن جو سماجي سياسي نظام سوشلزم ۾ پختو ويساهه هو ته جيستائين پورهيتن جي غلاميءَ جون سنگهرون نه ٽٽنديون، پورهيت پنهنجي هراول دستي جي پارٽي پاڻ نه ٺاهيندو پنهنجي طبقي جي اڳواڻي پاڻ نه ڪندو ۽ پنهنجي قيادت ڦورو طبقن جي حوالي ڪري ڇڏيندو تيستائين نه نه سرمائيداراڻي نظام مان ڇوٽڪارو ملندو نه ئي قومي طبقاتي ۽ جمهوري حق ماڻي سگهبا.

هو پنهنجي پارٽيءَ (ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان) جي جدوجهد مان شعوري سڳ حاصل ڪرڻ کان پوءِ ان نتيجي تي پهتو هو ته سڄي سماج جي انتشار ۽ ويڳاڻپ جو بنيادي سبب ڇڙواڳ سرمائيداراڻي معيشت آهي. سرمائيداري نظام ئي سمورين بيمارين جي جڙ آهي ۽ ان جون پاڙون اسان جي ملڪي نيم جاگيرداراڻا ۽ قبائلي سماج سان ڳنڍيل آهن. جنهن کي عسڪري ۽ سگهاريون قوتون ٽٽڻ ۽ ڀُرڻ کان بچايو بيٺيون آهن. شهيد نذير عباسي کي مزدورن ۾ ڪم ڪرڻ ۽ دنيا جي ڪلاسيڪل ادب جي مطالعي ڪيس ڪميونسٽ تحريڪ جي صف اول جي اڳواڻن ۾ بيهاري ڇڏيو ۽ سندس بي لوث جدوجهد ڪيس جلد ئي ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪاميٽي ۾ ڪٺي آئي. هن دنيا جي انقلابن مان رهنمائي حاصل ڪري تاريخ جي شعور مان ڄاتي ورتو هو ته طبقاتي سماج ۾ ظالم طبقا غريب عوام کي گذر جي وسيلن کان محروم ڪري سائڻ جانورن جهڙو سلوڪ ڪندا آهن ۽ ڪين ذهني غلام بڻائي جانورن کان به بدتر زندگي گهارڻ تي مجبور ڪندا آهن. هن رياست اندر جهاتي پائي ان مڪروهه نظام ۾ جيئندڙ پورهيت طبقي جي پيڙا کي محسوس ڪري ورتو هو ۽ ڪيس پوري سڌ هئي ته طبقاتي نظام ۾ قانون، حڪمران ۽ ظالم طبقي جو هٿيار هوندو آهي ۽ قانونن جا ڪوريڙا پنهنجي چار سان اُٺ ڪري سڄي ديس کي ڦاسائي لتيندا رهن ٿا. پر هن پورهيت هلچل مان اهو به ڄاتو ٿي ته پورهيت طبقي وٽ هارائڻ لاءِ سواءِ غلامي جي سنگهرن جي ٻيو ڪجهه به ناهي هوندو ان ڪري پورهيت طبقي (مزدور) کي پنهنجي انقلابي پارٽي ٺاهي هراول دستي جو تاريخي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. هن جا آدرش انقلابي هئا، جن کي حاصل ڪرڻ لاءِ مسافري جو ڪشٽ پنهنجن ڪلهن تي هر وقت پورهيتن جو پرچهلو ٿي رهيو

آئون اوهان سان آهيان، جيسين ٿئي جيت،
ها، هي منهنجا گيت، منهنجو پگهر پورهيو (اياز)

هو ڪڏهن به انقلابي سياسي سفر ۾ ٿڪو ڪونه، نه بورجوا پارٽين سان جوڙ ٽوڙ ڪئي، نه ئي حڪمرانن جي سٽيٽس آسائشن کي سيني سان لڳائي ڪنهن موقعي پرستي جو شڪار بڻيو. هو گرامڇي جي ڪسوٽيءَ جو پرتوو هو جنهن ۾ هر ڪنهن کي سچ چوڻ کان نه گهبرائڻ، ايمانداري ۽ نهٺائيءَ سان پورهيت طبقي جي مفادن لاءِ بيهي رهڻ ۽ سادگيءَ سان زندگي گهارڻ هن جي رڳ رڳ ۾ رچيل هو. هن جي خاص خوبي اها به هئي ته هو پنهنجن سياسي مخالفن سان به ورتاءُ سلو رکندو هو. جنهن سبب هو انهن جي دلين ۾ جاءِ ناهي وٺندو هو.

تاريخ انساني ارتقاء جي سفر ۾ ڪيئي لاها چاڙها ڏسي موجوده انساني شعور جا ڏاڪا چڙهي ڏاهپ جي اوچي مقام تي پهتي آهي، جتي غلامي هاڻي انسان جو مقدر ناهي پر تاريخ جو جبر آهي. تاريخ جتي انقلابن جو اهڃاڻ به آهي ته اُتي منصورن جي مقتل گاهه به آهي. گهيروئن جي رت جي خوشبوءِ ميندي بڻجي مهڪندي رهي ٿي. شهيد نذير عباسي 29 جولاءِ 1980ع تي ڪراچيءَ ۾ پنهنجن سائين پروفيسر جمال نقوي، ڪمال وارثي ۽ شبير شر سان گڏ گرفتار ٿيو گرفتاري دوران به هن جا حوصلا ايترا ته بلند هئا جو هو گجهن ادارن جي خفيا سيل ۾ به مايوس ٿيڻ بجاءِ دوستن کي انقلابي گيت جهونگاري همٿائيندو هو

توڪ ناواقفِ آدابِ غلامي هي ابي،
رقص زنجير پهن ڪر ڀي ڪيا جاتا هي.

هي به ملڪي تاريخ جو الميو آهي ته 11 ڏينهن جي جاچ ۾ ڪو ڳڀرو نوجوان حراست ۾ آڏي پڇا دوران سخت ذهني ۽ جسماني تشدد سهندي پنهنجن باقي سائين جا نالا ۽ سرگرميون ظاهر نه ڪندي شهادت جو پيالو پي امر ٿي ويو هجي.

ڪو ڪيئن نه ٻوڙي مقتل ڏي، آ رت ۾ خوشبوءِ ميندي ءِ جي،
ڪو ڪيئن نه ٻوڙي زندان ڏي، تا زلف ڇڪين زنجيرن جا.
(اياز)

بقايا 01

جو نالو به ڏنو ويو آهي تصدق جيلاني 11 ڊسمبر 2013ع کان 5 جولاءِ 2014ع تائين چيف جسٽس آف پاڪستان رهيو آهي. جڏهن ته جليل عباس جيلاني پرڏيهي سيڪريٽري ۽ آمريڪا ۾ پاڪستان جو سفير رهيو آهي. ياد رهي ته شهباز شريف اعلان ڪيو آهي ته قومي اسيمبلي اڄ ٽوڙي ويندي ۽ سمري اڄ صدر کي موڪلي ويندي. ان کانسواءِ وزيراعظم ۽ مخالف ڌر اڳواڻ راجا رياض نگران وزيراعظم جي نالي تي مشاورت لاءِ سڀاڻي ملاقات ڪندا. جنهن ۾ فيصلو ٿيڻ جو امڪان آهي.

بقايا 02

ٻوڏ متاثرن کي گهرن جا مالڪاڻا حق ڏيڻ واري تقريب کي خطاب دوران بلاول چيو ته سنڌ ۾ 20 لک ٻوڏ متاثرن کي گهر ٺهرائي ڏئي رهيا آهيون. بلاول چيو ته ڪجهه سال اڳ هڪ بزرگ وزيراعظم 50 لک گهر ٺهرائي ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو، پر هو هڪ به گهر نه ڏئي سگهيو، پر اسان گهر ٺاهڻ شروع ڪيا آهن. بلاول ڀٽو زرداري گهوٽڪي ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي ڪيمپس ٺاهڻ جو به اعلان ڪيو ۽ وڏي وزير کي هدايت ڪئي ته اهو ڪيمپس جلد ٺاهڻ گهرجي. بلاول ڀٽو زرداري وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ صوبائي وزيرن سان گڏ سکر ايئرپورٽ پهچڻ بعد گهوٽڪي ڊگري ڪاليج جي اسپورٽس ڪامپليڪس پهتو. بلاول ڀٽو زرداري ٻوڏ متاثرن ۾ گهرن جي مالڪاڻي حقن جون سندون ورهايون

بقايا 03

اماڻي ڇڏي. وزيراعظم شهباز شريف قومي اسيمبلي ٽوڙڻ واري سمري اڄ ئي صدر ڏانهن اماڻيندو. صدر وزيراعظم جي ايڊوائيس تي 48 ڪلاڪن اندر قومي اسيمبلي ٽوڙڻ جو پابند آهي، صدر پاران صحيح نه ڪرڻ جي صورت ۾ 48 ڪلاڪن بعد قومي اسيمبلي پاڻمرادو ٽٽي پوندي. نگران وزيراعظم جي نالي تي مشاورت لاءِ وزيراعظم شهباز شريف ۽ اپوزيشن ليڊر راجا رياض وچ ۾ رٿيل اڄوڪي ملاقات ملتوي ٿي وئي. راجا رياض چيو آهي ته سڀاڻي وزيراعظم سان ملاقات ڪري نگران وزيراعظم لاءِ فائنل ڪيل 3 نالا پيش ڪندس

بقايا 04

ٽوڙڻ لاءِ سمري صدر کي اماڻي ڇڏيندو، نگران وزيراعظم لاءِ نالو سامهون نه آيو نواز ليگ جي اتحادي حڪومت جو اڄ آخري ڏينهن آهي. ڇاڪاڻ ته وزيراعظم شهباز شريف چئي چڪو آهي ته 9 آگسٽ تي حڪومت گهر هلي ويندي ذريعن موجب وزيراعظم شهباز شريف قومي اسيمبلي ٽوڙڻ لاءِ اڄ شام تائين صدر ڏانهن اماڻي ڇڏيندو. نگران وزيراعظم لاءِ نالي جو به اڄ اعلان ٿيڻ جا امڪان آهن ذريعن جو چوڻ آهي ته وزيراعظم جي سمري ملڻ جي ٻئي ڏينهن صدر اسيمبلي ٽوڙي ڇڏيندو. وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته اڄ صدر کي ايڊوائيس اماڻيندس ته قومي اسيمبلي ٽوڙي وڃي. آئيني گهرجون پوريون ڪندي اقتدار نگران حڪومت حوالي ڪيو ويندو ٻئي طرف اپوزيشن ليڊر پاران به اڄ وزيراعظم سان ملاقات دوران 3 نالا تجويز ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. اپوزيشن ليڊر راجا رياض چيو آهي ته نگران وزيراعظم جي معاملي تي هيل تائين مشاورت نه ٿي آهي سندس چوڻ آهي ته اڄ وزيراعظم سان ملاقات ڪري 3 نالا تجويز ڪندس. اميد ته معاملو اڄ ئي حل ٿي ويندو

بقايا 05

ٿيڻ تي رب پاڪ جو ٿورو ادا ڪريان ٿو اها تاريخ جي مختصر ترين حڪومت هئي، وزيراعظم چيو ته حڪومت سنڀاليندي ئي ايندڙ ٻوڏ سڄي پاڪستان ۾ تباهي مچائي ڇڏي، ٻوڏ اسان لاءِ وڏو چئلينج هو ٻوڏ دوران چئني صوبن ڏينهن رات محنت ڪئي، بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ذريعي 80 ارب روپيه ورهايا ويا. بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي شفافيت بابت سڄي دنيا کي خبر آهي. شهباز شريف چيو ته بلاول ڀٽو ۽ سنڌ جي وڏي وزير ٻوڏ دوران ڏينهن رات ڪم ڪيو ٻوڏ دوران ڪنهن به صوبي سان زيادتي نه ڪئي وئي، ٻوڏ دوران سنڌ سڀني کان وڌيڪ متاثر صوبو هو ٽيم ورڪ جي نتيجي ۾ ٻوڏ متاثرين جي مدد ڪئي وئي، وزيراعظم چيو ته جنرل(ر) باجوه ۽ ڪور ڪمانڊر ملتان جو به ٿورو ادا ڪريان ٿو شازيه مري، شيري رحمان جو به ٿورو ادا ڪريان ٿو. پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو بهترين ڊپلوميسي ڪئي. هن چيو ته 16 مهينا اهڙي قسم جي چئلينجن جو مقابلو ڪيو مهانگائي جو طوفان اڃان تائين رڪجڻ جو نالو نٿو وٺي. شهباز شريف چيو ته مهانگائي جا تمام گهڻا سبب آهن. گذريل حڪومت جي 4 سالن جي دور ۾ ڪيل غفلت جي نتيجي ۾ پاڪستان کي گهڻو نقصان برداشت ڪرڻو پيو اڄ ڪابينا جو آخري اجلاس آهي. چئني صوبن جي نمائندگي مخلوط حڪومت ۾ شامل هئي. 16 مهينا سمورين پريشانين جي باوجود اسان سڀني کي گڏ ڪئي هلياسين. پاڪستان کي بچائڻ لاءِ اسان پنهنجي سياست کي قربان ڪري رياست کي بچايو تاريخ هميشه اوهان ماڻهن کي ياد رکندي. وزيراعظم چيو ته تيل جون قيمتون آسمان تي پهچي ويون آهن. ڪڏهن هيٺ اينديون آهن ته ڪڏهن مٿي ٿي وينديون آهن. اسان کي سياست جي بجاءِ قومي نالي کي پرڻ جي سوچ هئي. نگران حڪومت کان پوءِ چونڊون ٿينديون جيڪا به حڪومت جهڙي طرح به ايندي اها به اسان جيان محنت ڪندي. هن چيو ته نوازشريف، آصف زرداري، مولانا فضل الرحمان چوڌري شجاعت حسين، خالد مقبول صديقي جو ٿورائتو آهيان. شهباز شريف چيو ته آءِ ايم ايف پروگرام دوران اسان همت نه هاري، جيڪڏهن الله جو فضل نه هجي ها ته شايد آءِ ايم ايف پروگرام نه ٿئي ها. اسحاق ڊار جو دل جي گهراين سان ٿورو ادا ڪريان ٿو ۽ ڪيس مبارڪباد پيش ڪريان ٿو قرضن کي رول اوور ڪرڻ تي چين جو به ٿورائتو آهيان. چيني نائب صدر پاڪستان جو دورو ڪري ثابت ڪيو ته پاڪستان اسان جو بهترين دوست آهي هن چيو ته 75 سال پاڪستان کي پيرن تي بيهارڻ جون ڪوششون ٿيون پر 34 سال مارشل لا ۾ گذري ويا. پاڙيسري ملڪ اسان کان اڳتي نڪري ويا. ان جو ڪو ته سبب هوندو جو اسان پوئتي رهجي وياسين. اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته ننڍا ملڪ به اڳيان نڪري ويا اهو اسان سڀني جي لاءِ فڪر جوڳو عمل آهي. مان ان جو پنهنجو پاڻ کي ذميوار چوندس. اسان کي هاڻ ترقي ۽ خوشحالي جي سفر جي شروعات ڪرڻي پوندي، ڪيستائين قرض وٺندا رهنداسين. وزيراعظم شهباز شريف وڌيڪ چيو ته اڄ 16 مهينن دوران حڪومت ڪنهن به سياسي مخالف کي ناجائز طريقي سان تنگ نه ڪيو سياسي مخالف کي ناجائز تنگ ڪرڻ اسان جو عمل نه هو هڪ پارٽي جي اڳواڻ کي سزا ملي. اسان کي ان تي ڪنهن به قسم جي خوشي نه ٿي آهي. ڪنهن کي سزا ملڻ کان پوءِ مٺائي ورهائڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته هن پاڪستان کي ڊفالٽ ٿيڻ کان بچايو گذريل حڪومت ملڪ کي ڊفالٽ ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي هئي. وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو الوداعي اجلاس ختم ٿي ويو جنهن ۾ وزيراعظم چيو ته مشڪلاتن باوجود آءِ ايم ايف سان معاهدو ڪيو ويو، سمورين اتحادي پارٽين ان جي مڪمل حمايت ڪئي، هن چيو ته حڪومت ڏکئي وقت ۾ معيشت کي سنڀاليو، سمورن وزيرن محنت ڪئي. اميد آهي ته عوام اسان جي ڪارڪردگي ۽ مشڪلاتن کي سمجهي سگهندو.

بقايا 06

بنچ ۾ ٻڌائي ٿي. درخواستن تي جسٽس محمد اقبال ڪلهوڙو ۽ جسٽس ارباب علي هڪڙو تي ٻڌل ٻه رڪني بنچ ٻڌائي ڪئي. ٻڌڻي دوران واسطيدار ڌريون عدالت ۾ پيش ٿيون وڪيل قربان ملاڻو جو چوڻ هو ته صالح پٽ ۾ باٿرن پاران هٿرادو بند ڏئي پاڻي جي قدرتي لنگهن تي رنڊڪون وڌيون آهن درخواست ۾ چيو ويو آهي ته باٿرن پاران پاڻيءَ جا قدرتي لنگهه بند ڪرڻ سبب خانگڙهه جون زمينون غيرآباد ٿي رهيون آهن وڪيل قربان ملاڻو موجب پاڻيءَ جي رنڊ روڪ سبب آبادگار فصل ڪاهڻ کان به محروم ٿي ويا آهن. هن استدعا ڪئي ته صالح پٽ مان باٿرن جا قائم هٿرادو بند هٽائي قدرتي لنگهه بحال ڪيا وڃن عدالت ڊپٽي ڪمشنر سکر ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر صالح پٽ کي قدرتي لنگهن تان بند هٽائڻ جو حڪم ڏنو آهي

بقايا 07

ملڻ واري آهي. جڏهن ته 2 هزار گهرن لاءِ قسط اچي چڪي آهي وڏي وزير چيو ته بلاول پاڪستان ۾ ايندڙ 30 سالن تائين وزير اعظم طور عوام جي خدمت ڪندو. ڪجهه ڏينهن بعد اسان وٽ عهدا نه رهندا. اسان وري به عوام آڏو پيش ٿينداسين ۽ پڇنداسين ته اسان اوهان لاءِ ڇا ڪيو

بقايا 08

. آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته آرمي چيف جنرل عاصم منير جهلم ويجهو ٽلا فيلڊ فائرنگ رينج جو دورو ڪيو جتي هن لائيو فائر ۽ جديد وي ٽي 4 ٽينڪن جي مشقن جو مشاهدو ڪيو آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف لانگ رينج ايس ايڇ 15 آرٽلري گنن جي شوٽنگ ۽ جديد هٿيارن جي نمائش جو به مشاهدو ڪيو ۽ عملي جي جنگي مهارت ۽ جديد ترين هٿيارن ۽ ان جي مهارت جي تعريف ڪئي. ان موقعي تي آرمي چيف کي اسٽرائيڪ ڪور جي ڪارڪردگي بابت بريفنگ به ڏني وئي. ان موقعي تي آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو ته پاڪ فوج دشمن جي ناپاڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائڻ جي صلاحيت رکي ٿي. پاڪ فوج دشمن طاقتن جي سمورن ناپاڪ ارادن کي خاڪ ۾ ملائڻ لاءِ هر وقت تيار آهي.

بقايا 09

ضروري هيون. صحافتي تنظيمن ۽ ميڊيا جي نمائندن جي مشاورت سان ترميمون ڪيون ويون آهن مريم اورنگزيب چيو ته مشاورت ڪانسواءِ مس انفارميشن ۽ ڊس انفارميشن کي بل ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ترميمي بل موجب جيڪڏهن ميڊيا جو ڪاروبار ورڪرز کي گهٽ اجرت ادا ڪندو ته ان کي بزنس نه ڏنو ويندو

بقايا 10

۽ هڪ سيمينار ۾ شرڪت ڪئي. پر تحريڪ انصاف جا ڪارڪن ۽ حمايتي جج همايون دلاور جو پيڇو ڪندي اتي به پهچي ويا، پي ٽي آءِ ڪارڪنن ۾ عورتون ۽ خاص طور تي نوجوان شامل آهن پي ٽي آءِ ڪارڪنن کي جتي به جج همايون دلاور ملي ٿو هو انهي جي گهٽ وڌ ڳالهائي رهيا آهن جڏهن ته هڪ موقعي تي فاضل جج جي هڪ عورت سان منهن ماري پڻ ٿي، جج همايون کي برطانوي پوليس طرفان سيڪيورٽي ڏني پئي وڃي. ڪنهن به قسم جي جاني نقصان کان بچائڻ جي ڪوشش پوليس طرفان جاري آهي اهڙن واقعن جي سوشل ميڊيا تي ڪيترين ئي ويڊيوز وائرل ٿي رهيون آهن. جڏهن ته جج جي خلاف ٽوئٽر تي ٽرينڊز به هلايا پيا وڃن. ياد رهي ته جج همايون دلاور توشه خانه ڪيس ۾ عمران خان کي 3 سال قيد ۽ ڏنڊ جي سزا ٻڌائي آهي. ياد رهي ته پاڪستان تحريڪ انصاف جي سمنڊ پار ڪارڪنن طرفان ان کان اڳ به ڪيترائي پيرا حڪومتي شخصيتن جو گهيراءُ ڪيو ويو آهي.

بقايا 11

آهن. جڏهن ته خيبر حملي ۾ ٽي ٽي پي ملوث هئي، خيبر ۾ مسجد ۾ ٿيندڙ آپگهاتي حملي بابت هن ٻڌايو ته انهي ڪارروائي ۾ 8 سهولتڪارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. حملي ۾ ٽي ٽي پي ملوث آهي، علي مسجد حملي جي منصوبه بندي ننگرهار ۾ تيار ڪئي وئي، ڊي آءِ جي موجب حملي واري ڏينهن واقعي واري هنڌان ٻئي آپگهاتي بمبار ابوذر کي گرفتار ڪيو ويو جنهن جي نشاندهي تي ٻئي نيٽ ورڪ جي خبر پئي. آپگهاتي حملو ڪندڙ کي افغانستان مان آندو ويو ۽ هو افغانستان جو رهواسي هو جنهن جي سڃاڻپ انصار جي نالي سان ٿي آهي. علي مسجد ۾ آپگهاتي حملو ڪندڙ غيرقانوني طور تي سرحد پار ڪئي آپگهاتي بمبار ڪپڙا تبديل ڪري پوليس جي وردي پاتي جنهن کان پوءِ هو مسجد تائين آيو حملو ڪندڙ کي 1000 روپيه ڏئي سوزوڪي ۾ سلطان خيل کان علي مسجد تائين آندو ويو آپگهاتي بمبار کان ايف سي ۽ پوليس جون ورديون پڻ مليون آهن. هن ٻڌايو ته خيبر واقعي ۾ ٽي ٽي پي ملوث آهي، ڊي آءِ جي سي ٽي ڊي موجب باجوڙ ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جي واقعي ۾ ٽي ٽي پي ۽ داعش ٻنهي جي ملوث هجڻ جون شاهديون مليون آهن سک ٽارگيٽ ڪلنگ ۽ علماء جي ٽارگيٽ ڪلنگ ۾ به داعش ملوث هئي، باجوڙ ڌماڪي واري معاملي ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي.

بقايا 12

تي وفاق، صوبائي حڪومتن ۽ ايف آءِ اي کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن سماجي ورڪر جبران ناصر کي پرڏيهه وڃڻ کان روڪڻ واري درخواست تي ٻڌائي ٿي. عدالت ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي 17 آگسٽ تائين جواب طلب ڪري ورتو واضح رهي ته ان کان اڳ سماجي ڪارڪن جبران ناصر کي پرڏيهه وڃڻ کان روڪڻ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي هئي. درخواست ۾ جبران ناصر ايڊووڪيٽ چيو آهي ته 27 جون 2023ع تي مان عيد جون موڪلون گهروارن سان گڏ گذارڻ وڃي رهيو هوس. مان ۽ منهنجي زال اميگريشن ڊيسڪ تي پهتاسين ته ايگزٽ اسٽيمپ سان واپس موڪليو ويو. هن چيو ته ڊيوٽي تي موجود آفيسر خان ٻڌايو ته ڪيس چيو ويو ته اوهان کي نه وڃڻ ڏيو. اسان جو سامان به بند ڪيو ويو آهي. درخواستگذار جبران ناصر ايڊووڪيٽ جو چوڻ آهي ته ٻهرين جون تي مون کي 10 کان 15 نامعلوم ماڻهن اغوا ڪيو هو هن جو چوڻ آهي ته واقعي جو ڪيس ڪلفٽن ٿاڻي ۾ داخل ڪيو ويو آهي جنهن کي اي ڪلاس ڪيو ويو آهي، مون کي ۽ منهنجي زال کي ٻاهر وڃڻ کان روڪڻ غيرقانوني قرار ڏنو وڃي. درخواستگذار چيو ته ايف آءِ اي اهلڪارن خلاف جاچ جو حڪم ڏنو وڃي.

بقايا 13

تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي مٿان هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا، جنهن سبب 7 ڄڻا مارجي ويا آهن واقعي کان پوءِ ٻنهي ڌرين ۾ فائرنگ جو سلسلو هلندڙ آهي. ٻنهي ڌرين ۾ فائرنگ سبب جوٽيجا ڌر جو عبدالمجيد پٽ بجل جوٽيجو مارجي ويو آهي جڏهن ته ڪلهوڙا ڌر جي ڏاڏو جوٽيجو کان علاوه ٻين مارجي ويل 5 ڄڻن جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي. اطلاع ملڻ تي پوليس علائقي کي گهيرو ڪري ورتو آهي ان موقعي تي ڊي ايس پي سيد ويريل شاهه ٻڌايو ته ٻنهي ڌرين جا 7 ڄڻا مارجي ويا آهن. واقعي واري هنڌ وڃون پيا وڌيڪ تفصيل واقعي واري هنڌ پهچڻ کان پوءِ سامهون ايندا. پوليس جوان حوالي سان وڌيڪ چوڻ آهي ته فائرنگ جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين ۾ ڇڪتاڻ وڌي رهي آهي. وڌيڪ جاني نقصان جو خدشو ظاهر ڪيو ويو آهي هوڏانهن ڪچي واري علائقي ۾ پوليس جي وڏي نفري طلب ڪئي وئي آهي. جڏهن ته علائقي ۾ خوف هراس ڇانيل آهي.

بقايا 14

سنڌ سوائي خان ڇلگري جي صدارت هيٺ ڊي جي (پي آر) بيرڪ نمبر 96، سنڌ سيڪريٽريٽ ڪراچي آفيس ۾ ٿيو اجلاس ۾ اسڪروٽني ڪميٽي صحافين پاران سنڌ حڪومت کي مالي مدد لاءِ ڏنل درخواستن جو بغور جائزو ورتو ۽ 100 کان وڌيڪ صحافين جون درخواستون جيڪي مختلف سنگين بيمارين ۾ علاج جي خرچن جا مستحق ۽ ٻين مالي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. انهن کي سنڌ حڪومت پاران مالي مدد ڏيڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي. اسڪروٽني ڪميٽي ۾ اطلاعات کاتي جا اعليٰ آفيسر، نامور صحافي، ڪراچي پريس ڪلب جو صدر ۽ ٻيا صحافي شامل آهن. ڪميٽي هر درخواست جو غور سان جائزو ورتو ۽ مڪمل ڇنڊڇاڻ کان پوءِ مستحق درخواستن لاءِ مدد جي سفارش ڪئي. اسڪروٽني ڪميٽي ۾ اطلاعات کاتي جي ڊائريڪٽر ايڊمنسٽريشن اينڊ اڪائونٽس محمد يوسف ڪابورو، ڊائريڪٽر پريس انفارميشن حسن اصغر نقوي، مشهور صحافي ۽ اينڪر پرسن مظهر عباس، ڪراچي پريس ڪلب جي صدر سعيد سربازي، سينيئر صحافي ڊاڪٽر جبار خٽڪ، طاهر حسن خان، سينيئر صحافي عبدالرشيد ميمڻ، ڪميٽي سيڪريٽري ڊپٽي ڊائريڪٽر اطلاعات عليم الدين شرڪت ڪئي.

بقايا 15

مملڪتي وزير جي حيثيت سان وزير مون کي تمام گهڻو سپورٽ ڪيو، 14 مهينن ۾ سسٽم ۾ روزانو 164 ملين ڪيوبڪ فوٽ گئس شامل ڪئي، جڏهن ته 132 ملين ڪيوبڪ فوٽ گئس فراهم ڪئي. في ڏينهن وڌيڪ 6 مهينن ۾ شامل ڪيو ويو هن چيو ته آذربائيجان مان هر مهيني هڪ ايل اين جي ڪارگو ايندو، هر مهيني کڻي سگهون يا نه. جيڪڏهن ايل اين جي ڪارگو مهانگو آهي ته ان ڪارگو کي ڇڏي ڏئي سگهون ٿا، مملڪتي وزير چيو ته تيل ۽ گئس جي ڳولا لاءِ ٽرن بلاڪن لاءِ بولون لڳايون وينديون، ملڪ ۾ سخت گئس پاليسي به متعارف ڪرائي پئي وڃي. هڪ ملڪ جي سهڪار سان 12 ارب ڊالرن جي لاڳت سان ريفائنري ٺاهي ويندي. وچ اوڀر، جڏهن ته روسي تيل اڃا تائين عوام کي فائدو نه ڏنو آهي. پر اهو ايندڙ ڏينهن ۾ پهچي ويندو مصدق ملڪ وڌيڪ چيو ته ايران ـ پاڪستان گئس لائين منصوبي تي پاڪستان تي ڏنڊن بابت خبرن ۾ ڪا به صداقت ناهي، پاڪستان 10 سال اڳ عالمي پابندين سبب ڏنڊن جو مسئلو حل ڪيو هو. اسان پابنديون لاڳو ڪرڻ ڪانسواءِ مسئلي جو حل چاهيون ٿا. ايران پاڪستان منصوبي جو حل چاهيون ٿا، ايراني سفير سان منصوبي تي ڳالهه ٻولهه، پاڪستان کي توانائي جي ضرورت آهي.

بقايا 16

جنوري 2024 ۾ ٿي وينديون. هن چيو ته جيڪو به نگران وزيراعظم هوندو اهو اسان جي ڀروسي جو ماڻهو هوندو. اڄ شام تائين ان جو فيصلو ٿي ويندو. خواجه آصف چيو ته هن وقت نگران وزيراعظم جا خواهشمند تمام گهڻا ماڻهو آهن ماڻهن کي لڳي ٿو ته نگران سيٽ اپ ڊگهو هلندو دفاع واري وزير چيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف توشه خاني کان علاوه ٻيا به گهڻا ڪيس آهن. ٿي سگهي ٿو ته عمران خان خلاف ٻيا نوان ڪيس سامهون اچي وڃن.

بقايا 17

جي دور ۾ جيلن ۾ اي ڪلاس ختم ڪئي وئي هئي پي ٽي آءِ حڪومت جيل جا قانون تبديل ڪري پاڻ اي ڪلاس ختم ڪري ڇڏي هئي. پنجاب جيل رولز موجب هاڻ عام ڪلاس ۽ بي ڪلاس هوندي آهي. بي ڪلاس ۾ ٽي وي، بيڊ، ٽيبل، ڪرسي ۽ اخبار جي سهوليت مليل آهي ٻئي طرف ذريعن ٻڌايو آهي ته پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جيل ۾ رهڻ دوران سخت پريشان ۽ ناخوش آهي. جيل ذريعن موجب عمران خان گذريل ڏينهن وڪيلن سان ملاقات دوران چيو هو ته مون کي ٻاهر ڪڍو، مان جيل ۾ نٿو رهڻ چاهيان.

بقايا 18

(جي ڊي اي) پنهنجا نالا سامهون آڻي ڇڏيا آهن جڏهن ته هاڻ پيپلز پارٽي طرفان نالي جو انتظار آهي. جي ڊي اي نگران وڏي وزير لاءِ صفدر عباسي، غلام مرتضيٰ جتوئي، فضل الله قريشي، عبدالله حسين هارون جا نالا ڏنا آهن جڏهن ته ايم ڪيو ايم طرفان اڳوڻي بيوروڪريٽس يونس ڍاڳا ۽ شعيب احمد صديقي جا نالا ڏنا ويا آهن ٻئي طرف سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ اپوزيشن اڳواڻ رعنا انصار جي باقاعده مشاورت جو انتظار آهي. سنڌ اسيمبلي پنهنجي آئيني مدو پورو ٿيڻ کان پوءِ 11 آگسٽ جي رات ٽوڙي ويندي. سنڌ اسيمبلي ميمبرن جي حلف برداري 13 آگسٽ 2018 تي ٿي هئي. آئيني طور تي سنڌ جي وڏي وزير ۽ اپوزيشن اڳواڻ جي مشاورت سان نگران وڏي وزير جو حتمي نالو طئي ٿيندو 11 آگسٽ تي سنڌ اسيمبلي جو آخري اجلاس ۽ فوٽو سيشن ٿيندو اسيمبلي ٽٽڻ کان پوءِ وڏو وزير ۽ اپوزيشن اڳواڻ 3 ڏينهن ۾ نگران سربراهه لاءِ اتفاق ڪندا. اتفاق نه ٿيڻ جي صورت ۾ پارلياماني ڪميٽي 2 ڏينهن ۾ نالا فائنل ڪندي. پارلياماني ڪميٽي ۾ فيصلو نه ٿيڻ تي اليڪشن ڪميشن 2 ڏينهن ۾ فيصلو ڪري ڇڏيندي.

بقايا 19

اڪبر بروهي سان گڏجي احتجاج ڪيو مظاهرين ٻڌايو ته ڳوٺ جي بااثرن خان محمد بروهي، عبدالعزيز، خير محمد، عبدالرسول، سيف الله بروهي ۽ ٻين منهنجي نوجوان پٽ علي احمد بروهي کي ڪارنهن جي تهمت هيٺ 27 جنوري تي لاڙڪاڻي شهر جي سچل ٿاڻي جي حد پوليس ٽريننگ اسڪول ڀرسان اغوا ڪري ٽن ڏينهن بعد گهٽا ڏئي بيدرديءَ سان قتل ڪري لاش روهڙي ڪئنال ۾ لوڙهي ڇڏيو هو نوجوان جي قتل جو انڪشاف 26 مارچ تي اڳوڻي صوبائي صلاحڪار محمد امين مينگل جي سرپنچي ۾ جرڳي دوران ٿيو هو وارثن موجب جرڳي جو ڪيس ڪنگا ٿاڻي تي سرڪار جي فرياد تي ڪيس داخل ڪرايو ويو. انڪشاف ٿيڻ کانپوءِ سچل ٿاڻي تي لاڳاپيل جوابدارن مٿان پٽ جي قتل جو ڪيس داخل ڪيو جنهن کان پوءِ ٻن جوابدارن عبدالرسول بروهي، سيف الله بروهي ۽ رمضان بروهي کي گرفتار ڪري جيل اماڻي ڇڏيو مقتول جي وارثن موجب ڪيس ۾ رمضان بروهي هاءِ ڪورٽ مان ضمانت ڪرائي ورتي آهي، جڏهن ته مک جوابدارن خان محمد بروهي، عبدالعزيز ۽ خير محمد بروهي کي پوليس هن وقت تائين گرفتار نه ڪري سگهي مقتول جي وارثن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو کي اپيل ڪئي ته اغوا، قتل، جرڳي ۽ ڌمڪين واري ڪيس ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪري نوجوان جي خون سان انصاف ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 20

ٿيل ٻنهي ٻارڙن جون مائرون ڌانهون ڪنديون رهيون ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر اسپتال ۾ به وڪسين نه هئڻ سبب ٻنهي ٻارن کي نوابشاهه ريفر ڪيو ويو، غريب والدين وٽ پئسا نه هئڻ سبب صحافين جي ٽيم ٻنهي ٻارن کي نوابشاهه اسپتال منتقل ڪرايو

بقايا 21

جو اسٽاڪ موجود هجڻ ۽ ٻارڙن تائين ڪتاب نه پهچڻ جو راز فاش ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جي سرڪاري اسڪولن ۾ درسي ڪتابن جي کوٽ وارين خبرن کانپوءِ، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه ۽ سيڪريٽري غلام اڪبر لغاري جي هدايتن تي سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي چيئرمين آغا سهيل احمد جي نگراني هيٺ جوڙيل سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جون ويجيلنس ٽيمون سنڌ جي مختلف ڊويزن اندر تعليم کاتي جي ضلعي ۽ تعلقي جي ويئر هائوسن تي ڇاپا هڻڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن، جنهن ۾ شروعاتي طور تي ڄامشورو، ڪوٽڙي، حيدرآباد، مٽياري، ميرپورخاص جي ويئر هائوسن ۾ وڏي انگ ۾ ڪتاب پيل مليا آهن. جنهن تي بورڊ جي ٽيمن ثبوت طور وڊيو ۽ فوٽو گرافي ڪندي تعليم کاتي جي لاڳاپيل عملدارن کي فوري طور تي ڪتاب اسڪولن ۾ پهچائڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن ٻئي طرف سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي انتظاميا ٻارن تائين ڪتابن جي پهچائڻ ۾ سستي جو مظاهرو ڪندڙ تعليم کاتي جي عملدارن کي چتاءُ ڏنو آهي ته فوري طور تي ڪتاب ٻارن تائين پهچايا وڃن ته جيئن ڪتابن جي کوٽ وارين شڪايتن جو جلدي ازالو ٿي سگهي. ٻي صورت ۾ ڪتاب ٻارن تائين نه پهچڻ جي صورت ۾ انهن خلاف ڪارروائي لاءِ تعليم کاتي جي لاڳاپيل عملدارن کي سفارش ڪئي ويندي.

بقايا 22

شيخ اسلام آباد ۾ به پنهنجن ويجهن دوستن سان رابطو ڪيو آهي. ٻئي طرف سنڌ جي اڳوڻي گورنر عمران اسماعيل چيو آهي ته حفيظ شيخ عبوري وزيراعظم جي لاءِ بهتر اميدوار ٿي سگهي ٿو ٻئي طرف سينئر صحافي سلمان غني نجي ٽي وي چينل سان ڳالهيون ڪندي چيو آهي ته نگران حڪومت لاءِ، حڪومت ڪم ڪري رهي آهي. هن چيو ته حفيظ شيخ جو نالو ڪافي وقت کان ورتو پيو وڃي. هو چار مهينا اڳ آصف علي زرداري سان دبئي کان ڪراچي پهتو هو جنهن کان پوءِ هو ٻيهر پرڏيهه روانو ٿي ويو. سلمان غني چيو ته اصل ۾ حفيظ شيخ راجا رياض جو اميدوار ته آهي مان سمجهان ٿو ته اهو آصف زرداري جو اميدوار آهي. موجوده حڪومت آصف زرداري جو ئي پراجيڪٽ هئي جنهن ۾ شهباز شريف کي وزيراعظم بڻايو ويو. هن چيو ته اميد اها ئي آهي ته هاڻ ڪو به روايتي وزيراعظم نه هوندو پر اهو مضبوط ۽ فيصلا ڪندڙ هوندو. هن چيو ته جڏهن آءِ ايم ايف سان معاهدو طئي ٿيو هو ان وقت هي نالو طئي ٿي ويو هو سينئر صحافي وڌيڪ چيو ته حفيظ شيخ ڪجهه ڏينهن اڳ لاهور آيو هو ۽ هن اتي اهم ملاقاتون پڻ ڪيون هيون. هن دعويٰ ڪئي ته هن وقت به اسلام آباد ۾ ملاقاتن جو سلسلو جاري آهي.

بقايا 23

گفتگو ۾ ڪجهه اهڙيون ڳالهيون سامهون آيون آهن. جيڪي انتظاميا سمجهڻ کان قاصر آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته اٽڪ جيل ۾ مقرر 150 کان وڌيڪ جيل عملي جي مڪمل بائيو ڊيٽا سيڪيورٽي ڪليئرنس لاءِ اسپيشل برانچ ۽ ٻين ادارن کي موڪلي ويندي. سيڪيورٽي ڪليئرنس ذريعي اٽڪ جيل ۾ مقرر ملازمن جي ڪنهن انتهاپسند تنظيم سان واسطي ۽ سياسي پارٽي سان وابستگي سميت ٻين سرگرمين بابت رپورٽون فوري طور تي جوڙڻ جا حڪم به جاري ڪيا ويا آهن اٽڪ جيل ۾ هن وقت 700 کان وڌيڪ قيدي آهن. جن کي رڳو سي ڪلاس جون سهولتون مليل آهن.

بقايا 24

ته انهن لاءِ رڳو 2 هزار ڪتاب ڏنا ويا آهن. 27 هزار شاگردن ۾ اسان 2 هزار ڪتاب ڪيئن ورهايون آهن تعليم کاتي جي صوبائي وزير ۽ سيڪريٽري کان مطالبو ڪيو ته نصيرآباد تعلقي جي پرائمري اسڪولن ۾ ڪتابن جي کوٽ ختم ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي. ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ جاري رهندي

بقايا 25

وڌي ويو ۽ 615 پوائنٽن جي اضافي سان 48,044 تي پهچي ويو ڪالهه 100 انڊيڪس 956 پوائنٽن جي گهٽتائي سان 47429 تي بند ٿيو ٻئي طرف انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 19 پئسا مهانگو ٿي 288.10 روپيا ٿي ويو آهي. ڪالهه انٽربئنڪ ۾ ڊالر 287.91 روپين تي بند ٿيو

بقايا 26

ڪري ڇڏيو آهي لنڊن ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڊاڪٽر طاهرالقادري پنهنجي سياسي مستقبل جي حوالي سان خيالن جو اظهار ڪيو هن ان موقعي تي سياست کان ڌار ٿيڻ جو اعلان ڪندي چيو ته مان پنهنجو فرض پورو ڪري ڇڏيو. هاڻ مان مطمئن آهيان. ڊاڪٽر طاهرالقادري چيو ته مان 22 ڪروڙ عوام کي آواز ڏنا، مون پنهنجن ڪارڪنن کي عوام جي حقن خاطر شهيد ڪرايو، اسان جو رت رهايو ويو اسلام آباد ۾ 75 ڏينهن دوران روزاني آواز ڏني ته جيڪڏهن اوهان اڄ نه اٿيو ته ڪڏهن به نه اٿي سگهندو. دروازو بند ٿي ويندو. پي اي ٽي سربراهه وڌيڪ چيو ته مون انٽرو ٻڌائي ڇڏيو آهي. هاڻ منهنجو ضمير مطمئن آهي. هاڻ مان سياست تي ڪو به بيان نٿو ڏيڻ چاهيان.

بقايا 27

رپيا رهيو اهڙي طرح سون جي 10 گرام جو اگهه 514 رپين جي گهٽتائي کانپوءِ 1 لک 89 هزار 558 رپيا رهيو

بقايا 28

انسانيت سوز تشدد ڪري وڊيو رڪارڊ وارثن کي موڪلي ڇڏيو ڳوٺ باگو پٽو جو رهواسي فتاح پٽو جيڪو هڪ مهينو اڳ هرڪجي اغوا ٿي ويو هو ڌاڙيلن 50 لک ڀنگ نه ملڻ تي مغوي کي زنجيرن سان ٻڌي انسانيت سوز تشدد ڪري ريڪارڊ ڪرڻ بعد وارثن ڏانهن موڪلي، وڊيو بعد مغوي جي امڙ کي بيهوشي جا دورا پئجي رهيا هئا. جڏهن ته گهر ۾ روڄ راڙو مچل آهي مغوي جي وارثن ڌانهو ڪئي آهي ته ڌاڙيل فتاح پٽو تي انسانيت سوز تشدد ڪري رهيا آهن. پوليس مغوي کي جلد بازياب ڪرائي

بقايا 29

حسين خشڪ جي غيرحاضر رهڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ايس ايس پي خيرپور کي ليٽر جاري ڪري سندس پگهار بند ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي ٻئي پاسي خيرپور جي عدالت. عدالتي حڪمن جي تعميل نه ڪرڻ تي پريالو ٿاڻي جي ايس ايڇ او خلاف شوڪاز نوٽيس جاري ڪندي ڪيس پيش ٿيڻ جو حڪم پڻ ڏنو آهي ايڊيشنل سيشن جج الطاف حسين ٻجاراڻي جي عدالت، عدالتي حڪمن جي تعميل نه ڪرڻ تي پريالو ٿاڻي جي ايس ايڇ او سب انسپيڪٽر رحمت الله سونگي خلاف شوڪاز نوٽيس جاري ڪندي ڪيس عدالت پيش ٿيڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 30

سرڪٽ بنچ سيڪريٽري سنڌ کان 16 آگسٽ تائين جواب طلب ڪري ورتو آهي ڪوآپريٽو سوسائٽي جي چيئرمين محمد علي راڄپر، عبدالقيوم، محمد بخش ۽ ٻين وڪيل فرهاد علي ابڙو معرفت پٽيشن داخل ڪرائي هئي درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو هو ته بنا نوٽيفڪيشن جي چونڊيل باڊي کي هٽائي اسسٽنٽ رجسٽرار ڪو آپريٽو سوسائٽي رابعا خان کي ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ويو آهي ملازمن موجب هر مهيني عملدار مختلف جواز رجسٽرار، ڊپٽي رجسٽرار ۽ عملدار لکين رپيا ڀتو طلب ڪن ٿا. سوسائٽي جي فلاحي پلاٽن ۽ ڪمرشل پلاٽن تي قبضي جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. پٽيشنر موقف اختيار ڪيو ته مهراڻ يونيورسٽي ايمپلائيز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي جي اڪائونٽ ۾ ڪروڙين رپيا رقم موجود آهي. جيڪا هڙپ ڪرڻ لاءِ چونڊيل باڊي کي غيرقانوني طريقي سان هٽايو ويو

بقايا 31

ته مذهبي تنظيم جي شاگرد ونگ جي ڪارڪنن اهڙو حملو ڪيو هنن چيو ته يونيورسٽي ۾ مذهبي تنظيم جا شاگرد هر ڏينهن اهڙيون ڪارروايون ڪن ٿا پر انتظاميا ۽ پوليس غنڊه گردي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن

بقايا 32

ٿيڻ تي رب پاڪ جو ٿورو ادا ڪريان ٿو اها تاريخ جي مختصر ترين حڪومت هئي، وزيراعظم چيو ته حڪومت سنڀاليندي ئي ايندڙ ٻوڏ سڄي پاڪستان ۾ تباهي مچائي ڇڏي، ٻوڏ اسان لاءِ وڏو چئلينج هو ٻوڏ دوران چئني صوبن ڏينهن رات محنت ڪئي، بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ذريعي 80 ارب روپيه ورهايا ويا. بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي شفافيت بابت سڄي دنيا کي خبر آهي. شهباز شريف چيو ته بلاول ڀٽو ۽ سنڌ جي وڏي وزير ٻوڏ دوران ڏينهن رات ڪم ڪيو ٻوڏ دوران ڪنهن به صوبي سان زيادتي نه ڪئي وئي، ٻوڏ دوران سنڌ سڀني کان وڌيڪ متاثر صوبو هو ٽيم ورڪ جي نتيجي ۾ ٻوڏ متاثرين جي مدد ڪئي وئي، وزيراعظم چيو ته جنرل(ر) باجوه ۽ ڪور ڪمانڊر ملتان جو به ٿورو ادا ڪريان ٿو شازيه مري، شيري رحمان جو به ٿورو ادا ڪريان ٿو. پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو بهترين ڊپلوميسي ڪئي. هن چيو ته 16 مهينا اهڙي قسم جي چئلينجن جو مقابلو ڪيو مهانگائي جو طوفان اڃان تائين رڪجڻ جو نالو نٿو وٺي. شهباز شريف چيو ته مهانگائي جا تمام گهڻا سبب آهن. گذريل حڪومت جي 4 سالن جي دور ۾ ڪيل غفلت جي نتيجي ۾ پاڪستان کي گهڻو نقصان برداشت ڪرڻو پيو اڄ ڪابينا جو آخري اجلاس آهي. چئني صوبن جي نمائندگي مخلوط حڪومت ۾ شامل هئي. 16 مهينا سمورين پريشانين جي باوجود اسان سڀني کي گڏ ڪئي هلياسين. پاڪستان کي بچائڻ لاءِ اسان پنهنجي سياست کي قربان ڪري رياست کي بچايو تاريخ هميشه اوهان ماڻهن کي ياد رکندي. وزيراعظم چيو ته تيل جون قيمتون آسمان تي پهچي ويون آهن. ڪڏهن هيٺ اينديون آهن ته ڪڏهن مٿي ٿي وينديون آهن. اسان کي سياست جي بجاءِ قومي نالي کي پرڻ جي سوچ هئي. نگران حڪومت کان پوءِ چونڊون ٿينديون جيڪا به حڪومت جهڙي طرح به ايندي اها به اسان جيان محنت ڪندي. هن چيو ته نوازشريف، آصف زرداري، مولانا فضل الرحمان چوڌري شجاعت حسين، خالد مقبول صديقي جو ٿورائتو آهيان. شهباز شريف چيو ته آءِ ايم ايف پروگرام دوران اسان همت نه هاري، جيڪڏهن الله جو فضل نه هجي ها ته شايد آءِ ايم ايف پروگرام نه ٿئي ها. اسحاق ڊار جو دل جي گهراين سان ٿورو ادا ڪريان ٿو ۽ ڪيس مبارڪباد پيش ڪريان ٿو قرضن کي رول اوور ڪرڻ تي چين جو به ٿورائتو آهيان. چيني نائب صدر پاڪستان جو دورو ڪري ثابت ڪيو ته پاڪستان اسان جو بهترين دوست آهي هن چيو ته 75 سال پاڪستان کي پيرن تي بيهارڻ جون ڪوششون ٿيون پر 34 سال مارشل لا ۾ گذري ويا. پاڙيسري ملڪ اسان کان اڳتي نڪري ويا. ان جو ڪو ته سبب هوندو جو اسان پوئتي رهجي وياسين. اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته ننڍا ملڪ به اڳيان نڪري ويا اهو اسان سڀني جي لاءِ فڪر جوڳو عمل آهي. مان ان جو پنهنجو پاڻ کي ذميوار چوندس. اسان کي هاڻ ترقي ۽ خوشحالي جي سفر جي شروعات ڪرڻي پوندي، ڪيستائين قرض وٺندا رهنداسين. وزيراعظم شهباز شريف وڌيڪ چيو ته اڄ 16 مهينن دوران حڪومت ڪنهن به سياسي مخالف کي ناجائز طريقي سان تنگ نه ڪيو سياسي مخالف کي ناجائز تنگ ڪرڻ اسان جو عمل نه هو هڪ پارٽي جي اڳواڻ کي سزا ملي. اسان کي ان تي ڪنهن به قسم جي خوشي نه ٿي آهي. ڪنهن کي سزا ملڻ کان پوءِ مٺائي ورهائڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته هن پاڪستان کي ڊفالٽ ٿيڻ کان بچايو گذريل حڪومت ملڪ کي ڊفالٽ ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي هئي. وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو الوداعي اجلاس ختم ٿي ويو جنهن ۾ وزيراعظم چيو ته مشڪلاتن باوجود آءِ ايم ايف سان معاهدو ڪيو ويو، سمورين اتحادي پارٽين ان جي مڪمل حمايت ڪئي، هن چيو ته حڪومت ڏکئي وقت ۾ معيشت کي سنڀاليو، سمورن وزيرن محنت ڪئي. اميد آهي ته عوام اسان جي ڪارڪردگي ۽ مشڪلاتن کي سمجهي سگهندو.

بقايا سنڌيار 01

۽ مورو پوليس جي ايس ايڇ او مجيب الرحمان ناريجو ۽ مقرر ڪيل پوليس ٽيم پاران ڏوهارين خلاف سخت ڪارروايون ڪري ڏوهارين چابي چور ڦورن کي هڪ هفتي اندر 65 ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ سندن قبضي مان 12 موٽرسائيڪلون هٿيار ۽ روڪ رقم هٿ ڪري کين چالان ڪيو ويو آهي، جڏهن ت ضلعي سميت مورو شهر ۾ ب ڪافي حد تائين ڏوهن تي پڻ ضابطو آيو آهي ٻيي پاسي مورو شهر اندر منشيات فروشن جو ب گهيرو تنگ ڪيو ويو آهي ڏوهاري ڪيترا ب بااثر چو ن هجن پر قانون جي گرفت ۾ ضرور ايندا انهي موقعي تي مورو شهر مان چوري ۽ ڦر ٿيل 12 گاڏيون ب مالڪن حوالي ڪيون ويون ۽ ڏوهارين خلاف ڪاروايون ڪندڙ جوانن ۾ ايوارڊ ۽ انعام پڻ ورهايا

بقايا سنڌيار 02

جتي هورستي ۾ زخمن جا سور نہ سهندي عابد علي ولد مرحوم جمن ڪانڌڙو فوت ٿي ويو جڏهن نہ نمائش علي ڪانڌڙو جو سول هاسپيٽل خيرپور ۾ علاج هلندڙ آهي

بقايا سنڌيار 03

ڀهاري ٽولي سان لاڳاپيل اسپيشل پوليس ٽيم پاران عبدالرحيم ڳوٺ سورجاڻي ٽائون جي نائنٿ ڪلاس جي شاگرد سهيل مغيريءَ کي ڪنيي، بي رحماڻي تشدد وسيلي مارڻ خلاف داخل ڪيل پٽيشن تي 2019 ع تي سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران شهيد سهيل مغيريءَ جي وارثن کي سيشن ڪورٽ آڏو سڌي فرياد داخل ڪرڻ جوحڪم ڏنو ويو هئو جنهن کان پوءِ وارثن پاران ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن ڪورٽ ڪراچي اول جي عدالت آڏو بنا ڪنهن دير جي 2019 ع ۾ ئي سڌي فرياد داخل ڪرائي وئي. موتمار ڌمڪين، سخت هراسمنٽ ۽ ڊپ واري ماحول ۾، سر جو ساٿگو لاهي شاهدن جا بيان عدالت آڏو رڪارڊ ڪرايا ويا. پر گهڻو عرصو گذري وڃڻ ۽ تاريخ مٿان تاريخ ملڻ باوجود پوليس عملدارن خلاف ڪيس داخل ٿي نہ سگهڻ خلاف تشدد وگهي ماريل سهيل مغيريءَ جي امڙ مسمات زينب خاتون پاران سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچيءَ آڏو ذاتي طور داخل ڪيل دانهن/ درخواست تي سنڌ جي ڏاهي وڪيل منظور حسين ڪوسي رضاڪاراڻي طور مسٽر جسٽس صلاح الدين پنهور جي عدالت آڏو ڳالهائيندي چيو تہ پوليس هٿان شهيد ڪيل سهيل مغيري جو مامو ممتاز بروهي نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جو مرڪزي صدر ۽ سياسي، سماجي شخصيت آهي. جيڪو ڪراچيءَ اندر ڌرتي ڌڻين جي مالڪيءَ ڪاڻ ۽ پرمار ڌرين توڙي مافيائن ۽ سندن سرپرست نسل پرست پوليس عملدارن خلاف عملي قانوني جدوجهد ۽ ويڙهاند ڪري ڪين ملڪي عوام سان گڏ جڳ اندر وائکو ۽ سوڙهو ڪندو رهيو آهي. ممتاز بروهيءَ کي ان عمل جي سزا طور ڪوڙن ڪيسن ۾ اڙائي جيل پيڙو ڪرڻ ، موتمار حملا ڪرڻ ۽ ٻين ڪوڙ ساترين تڪليفن ڏيڻ سميت نائنٿ ڪلاس جي معصوم شاگرد سهيل مغيريءَ کي ڪنورڊلائي تشدد وسيلي مارڻ ب ان سلسلي جي ڪڙي آهي. جڏهن تہ مارجي ويل سهيل مغيريءَ جي ماءُ ب سماجي رتبي ڪري هن وقت سورجاڻي ٽائون واري علائقي جي ڪائونسلر آهي. ٻڌڻيءَ بعد عدالت سگهوريءَ مارجي ويل سهيل مغيريءَ جي ماءُ، درخواستگذار مسمات زينب بلوچ کي بنا دير لاڳاپيل عدالت آڏو فرياد داخل ڪرائڻ خاطر وڃڻ ۽ سندس فرياد داخل نہ ٿيڻ جي صورت ۾ ٻيهر هاءِ ڪورٽ اچي ان کي چيلنج ڪرڻ جا حڪم ڏنا

بقايا سنڌيار 04

صدر عزيز عباسي محرابپور جي صدر روشن سهتو نوشهرو فيروز جي صدر لالا عبدالستار پٺان پڊيا جي صدر غلام مصطفى سولنگي ممتاز راجپر آفتاب مورو جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ تعليم جي واڌاري جون ڳالهيون ڪندڙ حڪومت جا وزير ڪاٿي آهن سموري صوبي سان گڏ نوشهرو فيروز اندر 70 سيڪڙو اسڪولن کي هن مهل تائين درسي ڪتاب نہ ملڻ ڪري تعليم جو بيڙو ٻڏل 3 ڏينهن اندر ڪتاب ن مليا ت سمور ضلعي جا استاد اڪلن تي ڪارا جهنڊا چاڙهي س پر امن سخت احتجاج ڪندا اڄان مسئلو حل نہ ٿو ت تعلقيڏ هيڊ ڪوٽرن ۾ احتجاج ڪنداسين. جڏهن ڊي اي او حزب الله ڪوريجو سان ڳالهه ٻولهه ٿي ت ان ٻڌايو واقعي اسڪولن ۾ ڪتاب نہ پهچي سگهيا آهن مان اهڙي شڪايت مٿي ب ڪئي سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊوارن سان ب ڳالهايو چون ٿا جلد ڇپائي ڪري ڪوٽ پوري ڪنداسين جيئن ئي اسان وٽ پهچندا ت اسان اسڪولن تائين پهچائينداسين باقي استاد احتجاج ڪن ٿا اهو پرامن احتجاج انهن جو حق آهي ڀلي ڪن

بقايا سنڌيار 05

پيپلز پارٽي ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جي پوليٽيڪل سيڪريٽري جميل احمد سومرو، ميئر ميونسپل ڪارپوريشن لاڙڪاڻو ايڊووڪيٽ انور علي نواز لهر، ڊپٽي ميئر محمد امين شيخ، ميونسپل ٽائون ڪاميٽين جي چيئرمينن شاهه رخ سيال، وقار ڀٽو، سرائي سرفراز ڪوڪر سميت ميونسپل ڪارپوريشن جي عهديدارن، ملازمن ۽ مختلف مڪتبہ فڪر جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ جميل احمد سومرو ۽ ميئر ايڊووڪيٽ انور علي نواز لهر طرفان ميونسپل ڪارپوريشن جي رٽائرڊ ملازمن ۾ 4 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ گريجوئيٽي جون چيڪون ورهايون ۽ مون سون برسات دوران شهر اندر خدمتون سرانجام ڏيندڙ ميونسپل ملازمن کي مڃتا ايوارڊ پڻ ڏنا ويا. تقريب کي خطاب ڪندي ميئر ايڊووڪيٽ انور علي نواز لهر ۽ جميل احمد سومرو چيو تہ مڪاني نظام سنڀالڻ سان ئي لاڙڪاڻو ميونسپل ڪارپوريشن جي پراڻن مسئلن کي حل ڪيو پيو وڃي جيئن ملازم وڌ کان وڌ محنت ڪري پنهنجو حصو جوڪر ڪري لاڙڪاڻي شهر کي ترقي وٺرائن. هن چيو تہ مون سون برسات دوران ميونسپل ڪارپوريشن جي ملازمن جون خدمتون مثال هيون جن ڏينهن رات هڪ ڪري شهر مان برساتي پاڻي نيڪال ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ورتيون نتيجي ۾ اڄ سڄي شهر مان برساتي پاڻي نيڪال ٿي چڪو آهي اڄ انهن ملازمن جي حوصلا افزائي لاءِ کين ايوارڊ ڏنا ويا آهن جيڪي اسان جا ٻانهن ٻيلي ب آهن. هن چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي مزدورن ۽ هارين جي نمائنده جماعت آهي جنهن جي منشور ۾ ماڻهن کي روزگار ڏيڻ ۽ عوام جي خدمت ڪرڻ آهي. هن چيو تہ اسين ملازمن سان هر وقت گڏ آهيون انهن جي مسئلن جي حل لاءِ ڪوششون جاري رکي کين هر ممڪن رليف فراهم ڪنداسين جيئن کين ڊيوٽي دوران مشڪلاتون پيش نہ اچن.

بقايا سنڌيار 06

ڪملا پيل چيو تہ اٿون پارٽي جي قيادت آصف علي زرداري بلاول ڀٽو زرداري، فريال ٽالپر ۽ ٻئي سموري قيادت جي انتهائي شڪرگذار آهيان جنهن هڪ عورت ورڪر جيالي کي ايڏو وڏو اعزاز ڏئي ضلع وائس چيئرپرسن چونڊرايو آهي هن چيو تہ پيپلزپارٽي سدائين عورتن اقليتن ۽ نوجوانن کي اڳتي آڻي انهن جي مدد ڪئي آهي پارٽي جي سربراهہ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو ب هڪ عورت هئي جنهن ڏکڻ ايشيا جي سياست ۾ پنهنجو الڳ مقام ماڻيو ۽ هن ملڪ جي عوام ۽ جمهوريت لاءِ جان قربان ڪري ڇڏي پر ظلم آڏو ڪنڌ نہ جهڪايو. هن چيو تہ اٿون ب عهد ڪيان ٿي تہ پنهنجي قيادت جي نقش قدم تي هلندي عوام جي خدمت کي اڳتي وڌائينداسين ۽ پنهنجي عوام سان هر قدم تي ساٿ ڏينداسين جڏهن تہ اسلامڪوٽ ۾ ڪجھ ڏينهن ٻهرين ڪنوڻ ڪرڻ ڪري فوت ٿي ويل نارو پيل جي وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ ڳوٺ سرهياري ۾ چمجي پيل، ڳوٺ انڙو ۾ ڪانجي پيل ، والميڪ رشي پاران رڪيل اجياتي، ڳوٺ آڏي جو تڙ ۾ پ ب منارٽي ونگ ضلع جنرل سيڪريٽري جنهوارو پيل پاران رکيل گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪئي. انهي موقعي تي پرتاب سوراٺي، جنهوارو پيل، مارو مل، ڊاڪٽر گلجي مل اوحل پرڀو لال، چمجي پيل، ڪانجي مل، چيتن پيل، امولڪ انجلاٽي، اوم پرڪاش ۽ ٻيا گڏ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 07

جو جائزو ورتو ان موقعي تي اسسٽنٽ رجسٽرار صوبائي محتسب اعليٰ بدين عبدالستار ميمڻ، ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايجوڪيشن ورڪس رياض احمد شيخ ۽ اسسٽنٽ انجنيئر مختيار احمد پڻ گڏ هئا ريجنل ڊائريڪٽر بدين صوبائي محتسب اعليٰ رينوويشن ٿيل اسڪولن جي تفصيلي دوري تي اسڪولن ۾ استعمال ٿيل ميٽيريل جي پڻ چڪاس ڪئي ۽ مرمتي ڪم تي اطمنان جو اظهار ڪيو انهي کان علاوه استادن ۽ شاگردن جي حاضري جو پڻ جائزو ورتو ان موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعليٰ چيو تہ اڄ جا ٻار مستقبل جا معمار آهن گهر کان پوءِ پرائمري اسڪول ٻارڙن جي ٻهرين درس گاهہ آهن هن چيو تہ سنڌ گورنمينٽ تعليم جي بهتري لاءِ سارا جوڳا قدم کڻي رهي آهي جنهن ۾ ٻارڙن کي مفت ڪتاب ۽ ٻيون سهولتون ڏنيون پيون وڃن هن چيو تہ آئي بي اي ذريعي ميرٽ تي استادن جي ڀرتي پڻ تعليم ڏاهن انقلابي ڪ آهي هن چيو تہ نون ڀرتي ٿيل استادن جي تعليم جي ميدان ۾ محنت ۽ اڳوڻن استادن جي تجربي سان هي ٻارڙا اڳتي هلي ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ڪندا هن چيو تہ ضلعي جي سياسي ۽ سماجي اڳواڻن کي تعليم جي بهتري لاءِ اڳتي اچي سمورن تعليمي ادارن جي مالڪي ڪرڻ گهرجي تہ جيئن تعليمي ميدان ۾ بدين ضلعو ملڪ ۾ پنهنجو نالو روشن ڪري.

بقايا سنڌيار 08

ٿي هئي آس پاس جي ڪافي علائقن ڪالونين شهر جي هيٺين روڊن جون پاڻي نيڪال نہ ٿي سگهيو آهي ۽ انهن پاڻي جي ڍڪن تي مڇر مار اسپري پڻ نہ ڪيو ويو آهي انتظاميہ جي عدم توجہ سبب عوام پريشاني ۾ ورتل آهي بدين جي شهرين ٻڌايو تہ انتظاميہ ڏهن ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو رات جو ميين روڊن تي مڇر مار اسپري جي گاڏي ڪڍي ڏونهون ڪڍي ڏيکاريندا آهن تہ اسپري ٿي رهيو آهي پر مڇر مار اسپري پاڻي جي ڍڪن جتي مڇرن جي پيداوار ٿئي ٿي اتي ڪرڻ گهرجي جيڪو نٿا ڪن انهي عدم توجہ غفلت سبب شهري وڏي عذاب ۾ ورتل آهي هر گهر جو هڪ يا ب ڀاتي بيماري ۾ مبتلا آهن اعليٰ حڪام ۽ سيشن جج بدين ڊي سي بدين کي اپيل آهي نوٽس وٺي عوام کي مڇرن جي عذاب کان بچايو وڃي

بقايا سنڌيار 09

وليداد رند، اسحاق خاصخيلي جي اڳواڻي ۾ ڪندي چيو تہ لڏيا شاخ جي گذريل 10 سالن کان وٺي صفائي نہ ٿيڻ ڪري پاڻي ٽيل تائين نٿو پهچي، باقي رهيل ڪسر شاخ تي بااثر زميندارن پاران لڳل غيرقانوني ڪٽن، ڏڪن، توڙي لفٽ مشينن پوري ڪري ڇڏي اهي، جنهن ڪري پاڻي پوڇڙ تائين نہ پهچڻ ڪري هڪ طرف سندن زرخير زمينون بنجر پيو بڻجن تہ ٻئي طرف کين پيئڻ لاءِ ب پاڻي نٿو ملي، ڪارو پاڻي پيئڻ ڪري اڪثر ماڻهون پيٽ، جگر سميت مختلف بيمارين جي ور چڙهي ويا آهن، سندن چوپايو مال ب مرڻ لڳو اهي، هنن چيو تہ سندن ڪير ب دانهون ٻڌڻ وارو ناهي ۽ نہ ئي ايريگيشن عملدار کين پنهنجي حصي جو پاڻي ٿا مهيا ڪن. هنن چيو تہ 103 موري تي بگهاڙ تي لڳل گيٽ ناڪار بڻيل آهي، هنن گهر ڪئي تہ فورن لڏيا شاخ جي صفائي ۽ ڪانٽي ڪرائي پاڻي کي ٽيل تائين پهچائي شاخ جي منهن ۾ لڳل غيرقانوني ڪٽ، ڏڪا ۽ لفٽ مشينون ڪيرائي ڪيرائي، پاڻي جي وارا بندي ختم ڪرائي سندن زمينن کي بنجر بڻجڻ کان بچائي لڏيا شاخ کي پڪو ڪري آبپاشي کاتي جي عملي کي پاڻي ٽيل تائين پهچائڻ جو پابند بنائي ساڻن ٿيندڙ ناانصافين جو ازالو ڪرائي کين پهچندڙ نقصان توڙي پريشاني کان بچايو وڃي، ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 10

ڪارڪنن هٿن ۾ ڳاڙها جهنڊا ۽ بينر پلي ڪارڊ کنيل هئا، ريلي کي خطاب ڪندي صوبائي اڳواڻ ميان عبدالرحيم پارو اقبال لاڙڪاڻائي برڪت شعيب ۽ ٻين اڳواڻن چيو 6 جون تي ڪراچي ۾ ٿيل احتجاجي ڌرڻي ۾ معاهدو ڪيو ويو هو تہ ڀرتيون ميرٽ تي ڪيون وينديون ۽ ملازمن جي ڀرتي ڪوٽا تي ڪئي ويندي، پر بدقسمتي سان کاتي جي بالا آفيسرن پنهنجو واعدو وفا نہ ڪيو آهي. سياسي بنيادن تي ڀرتيون شروع ڪري ميرٽ ۽ ڪانٽريڪٽ جي ڀڃڪڙي ڪئي پئي وڃي، جنهن کي ڪنهن ب صورت ۾ برداشت نہ ڪيو ويندو جڏهن تہ اختياريون خاموش تماشائي جو ڪردار ادا ڪري رهيون آهن، جنهن سبب ملازمت جي اميد وار مايوسي جو شڪار بڻيل آهن. اڳواڻن چيو تہ جيڪڏهن اسان جا جائز مطالبا نہ مڃيا ويا تہ سڄي سنڌ ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو، جنهن جي سموري ذميواري لاڳاپيل کاتي جي اعليٰ آفيسرن تي عائد ٿيندي.

بقايا سنڌيار 11

هرمحاذ تي ڌرتي جو نالو روشن ڪيو آهي پوءِ چاهي اهو جنگ جو ميدان هجي يا راند يا علم ادب جو ميدان هجي وري انهن ٽنهي ميدانن ۾ جي انهن ماڻهن جو ذڪر ڪجي جيڪي غلامي جي صورت ۾ سنڌ ۾ آندا ويا جنگ جي ميدان ۾ جنرل هوش محمد شيدي عرف هوشو شيدي جيڪو انگريزن سان وڏي بهادري سان ورهيو جڏهن تہ راند يعني سنڌ جي قومي ۽ ثقافتي راند ملهہ آهي جنهن ۾ انب شيدي جو هڪ منفرد مقام آهي انب شيدي ،بڪر شيدي جي خاندان مان مل پهلوان غلام حسين شيدي پنهنجي دور ۾ وڏو نالو ڪمايو ڪيس وڏن انعامن سان نوازيو ويو ان وقت ميرن جي دور ۾ مل راند کي تمام وڏو اوج حاصل هو مير ٽالپر پهلوان تيار ڪندا هئا بعد ۾ انهن جا مقابلا ڪرائيندا هئا ۽ وڏين انعامن سان نوازيندا هئا مل راند جو تاريخي پسمنظر جانچڻ لاءِ جي تاريخ سان تعلق رکندڙ پهلوان شير شيدي انب شيدي ،بڪر شيدي ،غلام حسين شيدي جي ابن ڏاڏن جو تعلق آفريڪا جي شيدي قبيلي سان تعلق رکندڙ هئا ان ڪري پذيرائي ملڻ گهرجي ها پر افسوس اها ملي نہ سگهي هن سخت دور ۾ پهلوان غلام حسين شيدي کي نظر انداز ڪيو ويو آهي. هن وقت هو انتهائي مفلسي واري زندگي گذاري رهيو آهي اڪين جي نور کان محروم آهي سندس ٻچا بکون ڪاٽي رهيا آهن ثقافت کاتي ۽ خاص ڪري ضلعي ٺٽي جي قيادت جناب ضلعي چيئرمين وڏيرو عبدالحميد پنهور، اڳواڻ اي ايم پي علي حسن زرداري سردار جام اويس جوکيو کي اپيل آهي تہ منهنجي مالي مدد ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 12

جي اعلي اختيارين ، ڊي سي ٽنڊو محمد خان کان مطالبو ڪيو تہ اسان کي جلد کان جلد اسڪول جي بلڊنگ تعمير ڪرائي ڏني وڃي، ڪتابن جي ڪوٽ ختم ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ اسان ڊي سي آفيس ٽنڊو محمد خان آڏو احتجاج ڪنداسين. ٺيڪيدار خلاف جلد ڪاروائي ڪري اسڪول جي بلڊنگ ڏني وڃي. وڌيڪ هنن ميڊيا آڏو دانهيندي چيو تہ اسان ڪيترائي ڀيرا چونڊيل نمائندن اڳيان ۽ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ جي اعلي اختيارين اڳيان دانهيو آهي پر اسان جي اسڪول جي بلڊنگ جوڪم بنياد پرڻ کان پوءِ اڳتي نہ وڌي سگهيو آهي. اسانجا جو جائز مطالبو آهي جيڪو جلد نوٽيس وٺي پورو ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 13

لڳ ڳوٺ جيئند خان جمالي جي رهواسي پيرسن ٻيءَ اميدعلي عرف حاجن جمالي، ماءُ مسمات سودي ۽ ڀيڻ مسمات جنت جمالي ۽ ٻين سندن ٻن نوجوان شاگردن کي کنيي گم ڪرڻ جي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو هن موقعي تي هنن چيو تہ 3 ڏينهن اڳ اسان جو 15 سالا ٽينگر اسدعلي جمالي جيڪو ڏهين ڪلاس جو شاگرد آهي گهران اسڪول ويو ڪيس موڪل واري ٽائيم تي موٽر سائيڪل تي کڻڻ لاءِ وڏو ڀاءُ 17 سالن جو ساجد علي جمالي راجوخاناڻي ويو جتان کين راجوخاناڻي ٿاڻي جو وڏو منشي انور جسڪاڻي ۽ سول ڪپڙن ۾ اهلڪار کنيي ڪار ۾ وجهي کڻي ويا ۽ رات جو اسان کان 5 لک روپيا گهريا نہ ڏيڻ تي فل فرائي ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني جنهن بعد اسان سيشن جج کي هڪ درخواست ڏني جج ٿاڻي تي ڇاپو هنيو مگر اتي اسان جا ڇوڪرا موجود نہ هئا ۽ نہ ئي انهن تي ڪو ڪيس وغيره هو هاڻي اسان کي شڪ آهي تہ اسان جي ڇوڪرن کي پوليس بيگناهہ فل فرائي ڪندي جنهن جو ذميوار ٿاڻي جو وڏو منشي انورجسڪاڻي ۽ اسان جا مخالف قاسم، اسلم ۽ غلام پرڳڙي هوندا هنن آءِ جي سنڌ پوليس ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي بدين کان کنيي گم ڪيل ٽينگرن کي بازياب ڪرائي ملوث پوليس خلاف قدم کڻڻ جي اپيل ڪئي آهي

بقايا سنڌيار 14

جو مڙهہ مٽي ماءُ حوالي، علائقي ۾ سوڳ ڇانيل خبر موجب گذريل ڏينهن ٽنڊو ڪوٽ جي نجي اسپتال ۾ ويم دوران فوت ٿي ويل عورت ۽ ٻار واري مامري جي ڪابہ اڳڀرائي نہ ٿي، ب جانيون ضايع ٿين باوجود هيلٿ ڪيئر ڪميشن ب ڪا ڪاروائي نہ ڪئي اسپتال کليل رهي، فوتي عورت حوران زال نواز علي سومرو ۽ ٻار جو مڙهہ ڳوٺ اٽابو سومرو پرسان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. فوتي عورت جي مڙس نواز علي ٻڌايو تہ عطائي ڊاڪٽرياڻي شهناز عابد قائمخاني جي غفلت سبب منهنجو گهر اجڙي ويو آهي هن مونسان ظلم ڪيو آهي ڊاڪٽرياڻي صحي علاج نہ ڪيو نہ ئي عورت کي ٻئي پاسي ريفر ڪيو جنهن جي ڪري 6 ٻارن کان ماءُ جو سهارو کسيو ويو آهي. جڏهن تہ ب جانيون ضايع ڪرڻ باوجو عطائي ڊاڪٽرياڻي اسپتال تي موجود آهي هن چيو تہ اٿون پورهيت گڏهہ گاڏو هلائي گهر جي چلهہ ٻاريندو آهيان مونسان انصاف ڪيو وڃي ۽ عطائي ڊاڪٽرياڻي خلاف ڪارروائي ڪري اسپتال سيل ڪئي وڃي جيئن ڪابہ ٻئي جان ضايع نہ ٿي سگهي. ٽنڊو ڪوٽ پوليس موجب وارث فوتي عورت ۽ ٻارڙي جو مڙهہ ڳوٺ کڻي ويا آهن اڃان اسان وٽ ناهن آيا، وارث ٿاڻي تي آيا تہ ڊاڪٽرياڻي خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 15

آفيس ۾ اميدوارن جا انٽرويوز اڄ ٿي گذريا، جن ۾ ايس جي اي اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ جي سيڪشن آفيسر محمد اشرف انصاري، ريجنل انچارج شهيد بينظير آباد گل امير سنيل ۽ ضلعي انچارج نوشهروفيروز اسدالله ٿيبو اميدوارن جا انٽرويو ڪيا. واضح رهي تہ ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ ضلعي ريڪروٽمينٽ ڪميٽي جو سربراهہ آهي. انٽرويو ۾ 100 کان وڌيڪ اميدوارن شرڪت ڪئي. انٽرويو جو ٽيون مرحلو ضلعي نوشهروفيروز ۾ 7 آگسٽ کان 11 آگسٽ تائين جاري رهندو. ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ ميرٽ کي يقيني بڻايو وڃي تہ جيئن قابل اميدوارن کي سرڪاري کاتن ۾ ڀرتي ڪري سگهجي.

بقايا سنڌيار 16

2 لک 90 هزار 7 ڪيوسڪ ۽ هيٺائون وهڪرو 2 لک 59 هزار 106 ڪيوسڪ، جڏهن تہ سکر تي مٿاهون وهڪرو 2 لک 21 هزار 290 ڪيوسڪ ۽ هيٺائون وهڪرو هڪ لک 66 هزار 820 ڪيوسڪ پاڻي جو وهڪرو تيزي سان جاري آهي. انڊس ڊيلٽا ۾ منو پاڻي پهچڻ بعد مقامي ملاحن پاران پلو مڇي جو شڪار پڻ جاري آهي، جنهن سبب ماهيگيرن توڙي علائقي واسين ۾ خوشي جي لهر ڇانيل آهي.

بقايا سنڌيار 17

گناهہ اسان جي مٿان قتل ڪيس داخل ڪرايو آهي. جنهن ڪيس ۾ استاد خادم حسين شر کي پوليس بي ڏوهہ گرفتار ڪري جيل موڪلي ڇڏيو آهي، جڏهن تہ عبدالستار شر ضمانت تي آهي، هنن چيو تہ جميل شر جو تعلق ڏڪيڙ ڦهلائيندڙ سياسي تنظيم سان ب آهي وڏيرو جميل شر اسان کان ٽينگر جي ڪوڙي ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ 3 ڪروڙ ڀتو پيو گهري. انڪار ڪرڻ تي جميل شر سندس والد وڏيرو لياقت شر، ساٿارين محمد نواز شر، مجيب شر، خالد شر سڪندر شر،خليل شر ۽ ٻين معرفت اسان کي ڏوهارين ۽ پوليس جي مدد سان قتل ڪرائڻ، وڌيڪ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ ۽ سخت نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون پيا ڏين. جنهن ڪري خاندان سميت اسان جي زندگي اجير بڻيل آهي، هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي خيرپور سميت وس وارن کان مطالبو ڪيو تہ معاملي جو نوٽيس وٺي، اعليٰ سطحي جاچ ڪاميٽي جوڙي هن ڪيس جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، ۽ اسان کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت مجبور ٿي خاندان سميت ايس ايس پي آفيس خيرپور آڏو پاڻ مٿان پيٽرول هاري خودڪشي ڪري ڇڏينداسين.

بقايا سنڌيار 18

ٿاڻي جي حدن ۾ پوليس آفيسر توڙي جوان سماجي برائين جي خاتمي لاءِ چوويهہ ڪلاڪ الرٽ آهن اهڙيون ڳالهيون شهيد عبدالمالڪ ڪمانگر ٿاڻي (اي سيڪشن) تي مقرر ايس ايڇ او عبدالخالد ڏاهري پنهنجي آفيس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيون. هن وڌيڪ چيو تہ پوري ملڪ ۾ امن امان واري صورتحال خراب آهي پر سکر ۾ مقرر ايس ايس پي سنگهار ملڪ نوجوان ۽ دلير آفيسر آهي ڊي آئي جي سکر جاويد سونهارو جسڪاڻي ب بهترين آفيسر آهي جن جي حڪمت عملي تي عمل ڪندي پوري ضلعي ۾ ڏوهن تي ڪنٽرول ٿيو آهي. ايس ايڇ او خالد ڏاهري جو چوڻ هو تہ اي سيڪشن ٿاڻي جي حدن ۾ منشيات جي وڪري تي ۽ ٻين سماجي برائين تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪاروائيون تيز ڪيون آهن جنهن سبب پهريان کان وڌيڪ ڪنٽرول ٿيو آهي. هن چيو تہ ڪنهن کي ب ڪا شڪايت هجي تہ رابطي ۾ اچن شهرين کي تحفظ ڏيڻ اسان جي فرضن ۾ شامل آهي

بقايا سنڌيار 19

صحافين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن ڊاڪٽر عثمان سرويچ، شاعر عبد سنڌي، شاعر اياز امر شيخ، حسين آزاد، اسد مهراڻوي، واحد سوز ملاح، فريد گل شاعر، اسماعيل سرويچ، نجيب سرويچ، روي پاروائي، شهمير گبول، عبدالشڪور ميربحر، عدنان جوڻيجو، ساگر سليم ڪوسو، ملڪ صديق ملاح، ممتاز علي شاهہ بخاري، عبدالغفار ٻارڻ، خالد طاهراڻي، شبير سمون، جاني جوڳي، عادل سرويچ، نصير سرويچ، لياقت سومرو ۽ ٻين سورج سجاولي سرويچ جي مزار تي حاضري ڀري ۽ گلن جي چادر چاڙهي فاتحہ خواني ڪئي. ان موقعي تي شاعرن، اديبن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن صحافين پنهنجا ويچار ونڊيندي هنن سورج سجاولي سرويچ کي لفظن جي زبردست ڀيٽا پيش ڪئي ۽ چيو تہ سورج سجاولي سجاول جو هڪ سگهارو آواز هو هو گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو جنهن ۾ ڪيئن گڻ ۽ خاصيتون هيون، شاعر، اديب، ليکڪ، صحافي سان گڏ هڪ سٺو استاد ۽ سماجڪ سڌارڪ سياستدان هو هن ٿوري عمر ۾ ڪافي ڪم ڪيا، هو هر ماڻهو جي ڏک کي پنهنجو ڏک سمجهندا هئا، هو غريب مسڪين مظلوم ماڻهن جو سهارو بڻجي ساڻن گڏ بيهندا هئا، هن ڪافي زندگي پيپلز پارٽي ۾ گذاري چاهي ڪهڙو ب ڏکيو دور چو نہ هجي هو پارٽي جا جهنڊا کڻي روڊن تي هلندو هو ڪافي ڪجھ ڪرڻ چاهيو ٿي پر زندگي هن سان وفا نہ ڪئي.

بقايا سنڌيار 20

شوڪت رند کا 2 بجه لانگهو روڊ آئي بي اي ڪاليج وٽ 3 موٽر سائيڪل سوار هٿيارن جي زور تي 22 ماڊل سي ڊي موٽر سائيڪل ڦري ڪري با آساني سان فرار ٿي ويا اوباڙو پوليس سڪون سان ننڊ ستل رهي، متاثر شوڪت رند ۽ ان جي برادري جا ماڻهون استاد راڻو خان رند. صدام رند. رفيق رند. ذوالفقار رند شوڪت رند ۽ ٻين وڏي انگ ۾ نيشنل پريس ڪلب اوباڙو پهچي احتجاج ڪندي چيو تہ ضلع گهوٽڪي جو امن تباهہ ٿي ويو آهي ڏوهن تي ضابطو ناهي اچي سگهيو ايس ايس پي گهوٽڪي جا واڌا اڌورا رهجي ويا آهن اسين آئي جي سنڌ ڊي آئي جي سکر ۽ ٻين اعلي عملدارن کي اپيل ٿا ڪريون تہ خدارا اسان جي ڦرٿيل موٽر سائيڪل واپس ڪرائي ڏني وڃي نہ تہ ٻي صورت ۾ ايس ايس پي گهوٽڪي ايٽ ميرپور ماٿيلو آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا سنڌيار 21

نشان بڻجي رهيا آهن. واضح رهي تہ ڪجھ سال اڳ سنڌ حڪومت ۽ سکر انتظاميہ پاران سنڌو درياهہ جي ڪپ تان ڇڏيا هئا. ٻوڏ جي امڪاني خطرن کي نظر ۾ رکندي ماڻهن جي جان بچائڻ لاءِ درياهہ جي بندن کي مضبوط ڪيو ويو. سنڌو درياهہ جي ڪنارن تي رهندڙ هزارين خاندانن کي سکر جي واهن جي اڏاوت لاءِ ٻاهر ڪڍيو ويو ۽ کين روهڙي پرسان هڪ پلاٽ ڏنو ويو پر پلاٽ ۽ معاوضو ملڻ باوجود هڪ ڀيرو ٻيهر ڳوٺاڻا سنڌو درياهہ جي ڪنارن ڏانهن هليا ويا. باخبر ذريعن موجب سکر ميونسپل ڪارپوريشن، آبپاشي کاتي، پوليس ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن کي ب مهيني اندر رشوت ڏني پئي وڃي. هنن لاڳاپيل کاتن ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺي ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 22

ٿي گهر ويندي رستي ۾ سندس ئي برادري جي ماڻهن پاران لوهي سرين ۽ سيخن جا وار ڪري سخت زخمي ڪري ڇڏيو جنهن کي وارثن فوري طور جهڏو آر ايڇ سي منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن پاران ڪيس طبي امداد بعد وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي هوڏانهن جهڏو ٿاڻي تي اسلم رحماني جي فرياد تي بشير، حنيف، حمز، عامر، عارف رحماني سميت ست ڄڻن تي واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جڏهن تہ هن وقت تائين ڪابہ گرفتاري عمل ۾ ناهي اچي سگهي ياد رهي تہ گذريل رات جوابدارن جي حملي ۾ زخمي ٿيل اسلم رحماني گهر واپس اچي رهيو هو تہ مٿس جوابدارن حملو ڪري کيس سخت زخمي ڪري ڇڏيو هو. ان ڏس ۾ جوابدار ڌر سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر ڪنهن طرفان ب موقف نہ ملي سگهيو.

بقايا سنڌيار 23

نشان بڻجي رهيا آهن، واضح رهي تہ ڪجھ سال اڳ سنڌ حڪومت ۽ سکر انتظاميہ پاران سنڌو درياهہ جي ڪپرن تان قبضا ڇڏيا هئا. ٻوڏ جي امڪاني خطرن کي نظر ۾ رکندي ماڻهن جي جان بچائڻ لاءِ درياهہ جي بندن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪنارن تي رهندڙ هزارين خاندانن کي سکر جي واهن جي اڏاوت لاءِ ٻاهر ڪڍيو ويو هو ۽ کين روهڙي پرسان هڪ پلاٽ ڏنو ويو، پر پلاٽ ۽ معاوضو ملڻ باوجود هڪ ڀيرو ٻيهر ساڳئي ماڻهو سنڌو درياهہ جي ڪنارن ڏانهن هليا ويا آهن. باخبر ذريعن موجب سکر ميونسپل ڪارپوريشن، آبپاشي کاتي، پوليس ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن کي ب قبضاگيرن پاران رشوت ڏني پئي وڃي، سکر جي سڄاڻ ڌرين جي اڳواڻن لاڳاپيل کاتن ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺي ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 24

تي جماعت اسلامي جي غنڊن جو سنڌي شاگردن تي پسٽل جا بٽ ڏنڊا لوهي شيخون هٿي پنج شاگردن کي زخمي ڪري ڇڏيو زخمي شاگرد جناح اسپتال داخل مبينہ ٽائون ٿاڻي جي پوليس اطلاع باوجود نہ پهتي جماعت اسلامي جا شاگرد ڏنڊا بردار تي يونيورسٽي اندر وڌيڪ دهشت ڦهلائڻ لڳا واقعي جو ڪيس داخل نہ ٿيڻ خلاف سنڌي شاگرد سٽ جو مبينہ ٽائون ٿاڻي ضدو ڊرٽو نعريبازي روڊ بند خبرموجب ڪراچي يونيورسٽي اندر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جا ديوار تي لڳل بيت ڊاهڻ تان منع ڪرڻ تي جماعت اسلامي جي غندن سنڌي شاگردن مٿان پسٽل ڏنڊن ۽ لوهي سرين سان حملو ڪري پنجن شاگرد سرمد ابڙو اعجاز سولنگي ڪاشف جاويد مير عالم ۽ واجد ڪچي کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو زخمي شاگردن کي علاج لاءِ جناح اسپتال ڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي هوڏانهن اهڙي واقعي جو مبينہ ٽائون ٿاڻي تي اطلاع ڏنو ويو مگر اطلاع باوجود پوليس نہ پهتي جڏهن تہ جماعت اسلامي جا شاگرد ڏنڊا بردار ٿي يونيورسٽي اندر گشت ڪندي وڌيڪ دهشت ڦهلائڻ لڳا جڏهن تہ يونيورسٽي انتظاميا پڻ انهن آڏو بيوس بڻيل رهي هوڏانهن واقعي جو ڪيس داخل نہ ٿيڻ خلاف سنڌي شاگرد سٽ طرفان مبينہ ٽائون ٿاڻي آڏو ڌرڻو هڻي روڊ بند ڪري پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي سنڌي شاگرد سٽ جي اڳواڻ شاهد حسين شر صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ جماعت اسلامي جا شاگرد يونيورسٽي اندر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جا لڳيل بيت ڊاهي رهيا هئا جن کي اهي ڊاهڻ کان منع ڪئي تہ انهن پسٽل جي بٽن ڏنڊن لوهي سرين ۽ شيشي وارين بوتلون هٿي اسان جي پنجن شاگردن کي زخمي ڪري ڇڏيو آهي جنهن جو مبينہ ٽائون ٿاڻي جي پوليس يونيورسٽي جي سيڪيورٽي جي انچارج ۽ وي سي کي پڻ ڏنو ويو مگر انهن ب جماعت اسلامي جي ڏنڊا بردار گنڊن خلاف ڪا ب ڪاروائي نہ ڪئي ۽ انهن آڏو بيوس بڻيل رهي آهي هن وڌيڪ چيو تہ يونيورسٽي اندر ثقافتي ڏينهن ملهائڻ سميت ٻين پروگرام ڪرڻ تي جماعت اسلامي وارا رنڊڪون وجهي جهيڙو ڪندا رهيا آهن مگر يونيورسٽي انتظاميا انهن جي خلاف ڪا ب ڪاروائي نہ ڪئي آهي هن چيو تہ جوابدارن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي هوڏانهن ڪراچي يونيورسٽي اندر سنڌي شاگردن زخمي ڪرڻ واقعي جو ايس يو پي جي روشن علي ٻرڙو جسقم جي الاهي بخش بڪڪ عوامي جمهوري پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ غلام قمبر هاجاڻو حريف چانڊيو ايس ٽي پي اڳواڻ خير محمد مگس مبارڪ ڀٽي پ ب شهيد ڀٽو اڳواڻ سليم راجپوت ڊاڪٽر رئوف مغيري قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ فرحان لاڙڪ اشفاق چنڙ ۽ ٻين واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي جوابدارن خلاف سخت ڪارروائي جي گهر ڪئي آهي

بقايا سنڌيار 25

جيڪو گذريل 11 سالن کان گم ٿيڻ ڪري هو سخت پريشان آهن. هن چيو تہ گهڻي ڳولا بعد هاڻي کين خبرپئي آهي تہ سندس پٽ سمنڊ ۾ ٻين ماهيگيرن سان مزدوري سانگي مڇي جي شڪار تي ويو هو جيڪو اتان گم ٿي ويو جنهن جي ڳولا لاءِ ڪيٽي بندر، ڪارو چاڻ، شاهبندر، ڪراچي ۽ گوادر ۾ پڻ ڳولا ڪئي پر کيس سندس جگر جي ٽڪڙي جو ڏس پتو نہ مليو پر هاڻي کيس خبرپئي آهي تہ سندس پٽ هن وقت انڊيا جي جيل جيل ۾ قيد آهي، جتي سندس سزا ب ختم ٿي وئي آهي، پر ان جي مالڪي نہ ٿيڻ ڪري هو اتي بي يارو مددگار ٿي سخت پريشان بڻيل آهي، هن وفاقي توڙي صوبائي حڪومتن سميت سمورن وس وارن کي اپيل ڪئي تہ ساڻس انصاف ڪري سندس جگر جي ٽڪري پٽ يوسف جاکرو کي سندس حوالي ڪيو وڃي، چوته سندس آخري خواهش آهي تہ هوءَ پنهنجي جگر جي ٽڪڙي کي زندگي جي آخري لمحن ۾ ڏسڻ چاهي ٿي، پوءِ زندگي ساٿ ڏي يا نہ ڏي.

بقايا سنڌيار 26

ڊرٽو هنيو ويو ڳوٺاڻن ۽ شاگردن ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ جي اعلي اختيارين، ڊي سي ٽنڊو محمد خان کان مطالبو ڪيو تہ اسان کي جلد کان جلد اسڪول جي بلڊنگ تعمير ڪرائي ڏني وڃي، ڪتابن جي ڪوٽ ختم ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ اسان ڊي سي آفيس ٽنڊو محمد خان آڏو احتجاج ڪنداسين. ٺيڪيدار خلاف جلد ڪاروائي ڪري اسڪول جي بلڊنگ ڏني وڃي. وڌيڪ هنن ميڊيا آڏو دانهيندي چيو تہ اسان ڪيترائي ڀيرا چونڊيل نمائندن اڳيان ۽ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ جي اعلي اختيارين اڳيان دانهيو آهي پر اسان جي اسڪول جي بلڊنگ جوڪم بنياد پرڻ کان پوءِ اڳتي نہ وڌي سگهيو آهي. اسانجا جو جائز مطالبو آهي جيڪو جلد نوٽيس وٺي پورو ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 27

اسپتال منتقل ڪندي کين ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ۽ قتل جو ڪارڻ کين معلوم نہ ٿي سگهيو

بقايا سنڌيار 28

ٿي رهيو آهي مسلسل احتجاج ڪري رهيا آهيون ان باوجود اڃا تائين ڪوبہ قدم ناهي کنيو جنهن سبب پل زبون حالي جو شڪار ٿي رهي آهي هنن چونڊيل نمائندن توڙي وس وارن کان مطالبو ڪيو تہ چنڊڻ پل جي زبون حالي جو نوٽس وٺي مرامت لاءِ قدم کنيا وڃن نہ تہ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 29

ڪنڌڙ نئون ديرو جي جاکوڙي صحافي سليم رضا سولنگي جي جنم ڏهاڙي جي موقعي تي سندس خدمتن کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ ميڊيا آفيس نئون ديرو ۾ ساٿي صحافين شاد محمود ڀٽو، قمرالدين سومرو، خليل الله مگسيجو حسن عابد ڀٽو محمد بخش مگسيجو ۽ ٻين ٿندي پٺاڻي تي شاندار تقريب منعقد ڪئي. ان موقعي تي صحافي سليم رضا سولنگي جي سالگرهہ جو ڪيڪ ڪاٽي ۽ گلن جا هار پارائي مبارڪباد پيش ڪئي. جڏهن تہ صحافي سليم رضا سولنگي ساٿي صحافي دوستن جا زبردست تقريب منعقد ڪرڻ تي ٿورا مڃيا.

بقايا سنڌيار 30

جرڪس پاڻي ۾ جو بدترين بحران جاري آهي جنهن جي خلاف سنڌ آبادگار تنظيم جي طرفان ڪال بي ڏينهن ب ملڪاڻي شريف ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو هن موقعي تي تنظيم جي صدر پير فياض راشدي جنرل سيڪريٽري طارق محمود آرائين چيو تہ سکر بئراج جي نصير ڪئنال جي شاخن آئل پور جرڪس ٻنگار ۽ ٻين جي پوڇڙين ملڪاڻي خيرپور گنبوهہ ڏيٿي جرڪس وارن علائقن ۾ پاڻي جو بدترين بحران جاري آهي جيڪا سخت زيادتي آهي هن چيو تہ سپريم ڪورٽ جي حڪم تي عمل ڪندي نصير ڪئنال جي پوڇڙين تائين پاڻي پهچايو وڃي هن چيو تہ ڊائريڪٽ آئوٽ ليٽ واٽر ڪورس ۽ لفٽ مشينون هلڻ ۽ منڊ وارن بااثرن پاران پاڻي چوري ڪرڻ جي ڪري پوڇڙين جي واهن توڙي شاخن ۾ پاڻي جي ڪوٽ هجڻ جي ڪري هزارين آبادگار هاري گذريل سال جي ٻوڏ جي تباهي کان پوءِ هن وقت زمينن جي ڪروڙين روپيا خرچ ڪري زمينون تيار ڪيون آهن ۽ پاڻي نہ ملڻ جي ڪري وڏو نقصان ٿي رهيو آهي هنن چيف جسٽس وزيراعظم ۽ وزير اعلي سنڌ کان مطالبو ڪيو تہ نصير ڪئنال جي پوڇڙيءَ وارن علائقن ۾ پاڻي جي ڪوٽ ختم ڪري هزارين آبادگارن مان بي چيني کي ختم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 31

تي اطلاع ڏنو ويو لعل بخش جهلڻ ۽ محمد حسن جهلڻ ميڊيا کي ٻڌايو تہ نوابشاهہ مان دوا وٺي گهر پهچي ننڊڙي کي گهر ڪٺي آياسين ايتري دير ۾ گهر جو دروازو ٻاهران بند ٿيڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ڏانهن ڪوڪون ڪيونسين جنهن تي پاڙي وارن دروازو کوليو تہ ايتري تائين چور موٽر سائيڪل ڪاهي فرار ٿي ويا پوليس کي بروقت اطلاع ڏنوسين پوليس جي ناڪي بندي ڪري ها تہ چور موٽر سائيڪل سميت پڪڙجي پوي ها پر پوليس روايتي سستي جو مظاهرو ڪيو شهر ۾ بدامني عروج تي پهتل آهي چوري ۽ ڦر جون وارداتون معمول بڻيل آهن انهن ايس ايس پي سانگهڙ کي اپيل ڪئي تہ سندن چوري ٿيل موٽر سائيڪل موٽرائي ڏني وڃي ۽ شهر توڙي پرياسي وارن علائقن ۾ وڌندڙ وارداتن تي ضابطو آندو وڃي

بقايا سنڌيار 32

معذور آهي چاچو خادم سومرو هڪ پئسن عيوض نشئي شخص سان منهنجي شادي ڪرائي رهيو هيو جيڪا ڳالهہ مونکي پسند نہ هئي مان پنهنجي مائٽن جو گهر ٽن ڪپڙن ۾ ڇڏي نوجوان زاهد حسين سومرو سان شادي ڪئي آهي مونکي ڪنهن ب اغواهہ ناهي ڪيو مونکي چاچن خادم سومرو، عرس سومرو مور سومرو ۽ ٻين مان خطرو آهي جن منهنجي مڙس ۽ ان جي مائٽن مٿان منهنجي اغواهہ جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو آهي هنن ايس ايس پي خيرپور ۽ ڊي آءِ جي سکر کان مطالبو ڪيو آهي تہ داخل ڪيل ڪوڙو ڪيس ختم ڪرائي اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 33

واري زندگي گذارڻ تي مجبور جان کي خطرو آهي تحفظ ڏي زندگي بچائي وڃي پريمي جوڙي جي اعليٰ اختيارين کي اپيل تفصيل موجب سرگوده جي رهواسڻ مريم ولدمحمدنورملڪ ۽ پنوعاقل جي رهواسي عبدالشڪور ولدغلام حسين شيخ ميڊيا اڳيان دانهيندي چيو تہ ڏيڍ سال اڳ رانگ ڪال دوستي ۾ بدل جي وئي جنهن کان پوءِ مسلسل رابطي ۾ رهڻ کان پوءِ خيرپور جي عدالت ۾ رضا خوشي سان پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو آهي جنهن بعد ناري جا مائٽ جان جا ويري بڻجي ويا آهن جان کي خطرو آهي اعليٰ اختيارين نوٽيس وٺي زندگي بچائي وڃي اسان دربدري واري زندگي گذاري رهيا آهيون اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 34

جمالي ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ شهيد بينظيرآباد ڊاڪٽر اعجازحسين لغاري کيمپ ۾ 11 هزار کان وڌيڪ جانورن کي مختلف بيمارين کان بچاءَ لاءِ ويڪسين ڪئي وئي جڏهن تہ مالوند ماڻهن کي جانورن لاءِ دوائون پڻ ڏنيون ويون ان موقعي تي ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي چيئرمين ضلع ڪائونسل علي اڪبر جمالي چيو تہ ٻهراڙي جي ماڻهن جو گذر سفر تقريبن مال متاع تي آهي جانورن جي ڀلائي واري کاتي پاران هي ڪيمپ قائم ڪرڻ سان هتان جي رهواسين کي ڪافي فائدو ملندو اهڙيون ڪيمپون ضلع جي هر يوسي ۾ لڳايو وڃن تہ جيئن جانورن کي بيمارين کان بچائي سگهجي. ان موقعي تي لائيو اسٽاڪ کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر اعجاز حسين لغاري مالوندن کي ڄاڻ ڏيندي ٻڌايو تہ جانور کي مختلف بيمارين کان بچاءَ لاءِ مفت ويڪسين ڪرڻ سميت مالوند ماڻهن کي دوائون ڏئي رهيا آهيون هن وڌيڪ چيو تہ سندس کاتي پاران ضلع جي مختلف علائقن ۾ جانورن جي ويڪسين لاءِ اهڙيون ميڊيڪل ڪيمپون لڳايون وينديون تہ جيئن پالتو جانورن کي بيمارين کان بچائي سگهجي ڪيمپ ۾ موجود ڊاڪٽرن مختلف ڳوٺن کان آيل پالتو جانورن کي ويڪسينيشن ڪئي ۽ بيمار جانورن جو علاج ڪري مفت دوائون تقسيم ڪيون ڪيمپ جي پڄاڻي تي ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ٻڌايو تہ ڪيمپ ۾ 11 هزار کان وڌيڪ ننڍن وڏن جانورن کي مختلف بيمارين کان بچاءَ لاءِ ويڪسين ڪئي وئي ان موقعي تي ايگريڪلچر ٽريننگ انسٽيٽيوٽ جي سينئر انسٽرڪٽر ڊاڪٽر نازيہ فردوس، چيئرمين ٽائون ڪميٽي جام صاحب عبدالله شر،وائيس چيئرمين غلام محمد بروهي،وٽرنري آفيسر ڊاڪٽر طارق نوراني، ڊاڪٽر غلام مصطفي رند، ڊاڪٽر غلام مصطفي خاصخيلي،ڊاڪٽر نظير جمالي سميت ٻيا عملدار پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 35

ڀهاري ٽولي سان لاڳاپيل اسپيشل پوليس ٽيم پاران عبدالرحيم ڳوٺ سورجاڻي ٽائون جي نائنٿ ڪلاس جي شاگرد سهيل مغيريءَ کي ڪنيي، بي رحماڻي تشدد وسيلي مارڻ خلاف داخل ڪيل پٽيشن تي 2019 ع تي سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران شهيد سهيل مغيريءَ جي وارثن کي سيشن ڪورٽ آڏو سڌي فرياد داخل ڪرڻ جوحڪم ڏنو ويو هئو جنهن کان پوءِ وارثن پاران ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن ڪورٽ ڪراچي اول جي عدالت آڏو بنا ڪنهن دير جي 2019 ع ۾ ئي سڌي فرياد داخل ڪرائي وئي. موتمار ڌمڪين، سخت هراسمنٽ ۽ ڊپ واري ماحول ۾، سر جو ساٿگو لاهي شاهدن جا بيان عدالت آڏو رڪارڊ ڪرايا ويا. پر گهڻو عرصو گذري وڃڻ ۽ تاريخ مٿان تاريخ ملڻ باوجود پوليس عملدارن خلاف ڪيس داخل ٿي نہ سگهڻ خلاف تشدد وگهي ماريل سهيل مغيريءَ جي امڙ مسمات زينب خاتون پاران سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچيءَ آڏو ذاتي طور داخل ڪيل دانهن/ درخواست تي سنڌ جي ڏاهي وڪيل منظور حسين ڪوسي رضاڪاراڻي طور مسٽر جسٽس صلاح الدين پنهور جي عدالت آڏو ڳالهائيندي چيو تہ پوليس هٿان شهيد ڪيل سهيل مغيري جو مامو ممتاز بروهي نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جو مرڪزي صدر ۽ سياسي، سماجي شخصيت آهي. جيڪو ڪراچيءَ اندر ڌرتي ڌڻين جي مالڪيءَ ڪاڻ ۽ پرمار ڌرين توڙي مافيائن ۽ سندن سرپرست نسل پرست پوليس عملدارن خلاف عملي قانوني جدوجهد ۽ ويڙهاند ڪري ڪين ملڪي عوام سان گڏ جڳ اندر وائکو ۽ سوڙهو ڪندو رهيو آهي. ممتاز بروهيءَ کي ان عمل جي سزا طور ڪوڙن ڪيسن ۾ اڙائي جيل پيڙو ڪرڻ ، موتمار حملا ڪرڻ ۽ ٻين ڪوڙ ساترين تڪليفن ڏيڻ سميت نائنٿ ڪلاس جي معصوم شاگرد سهيل مغيريءَ کي ڪنورڊلائي تشدد وسيلي مارڻ ب ان سلسلي جي ڪڙي آهي. جڏهن تہ مارجي ويل سهيل مغيريءَ جي ماءُ ب سماجي رتبي ڪري هن وقت سورجاڻي ٽائون واري علائقي جي ڪائونسلر آهي. ٻڌڻيءَ بعد عدالت سگهوريءَ مارجي ويل سهيل مغيريءَ جي ماءُ، درخواستگذار مسمات زينب بلوچ کي بنا دير لاڳاپيل عدالت آڏو فرياد داخل ڪرائڻ خاطر وڃڻ ۽ سندس فرياد داخل نہ ٿيڻ جي صورت ۾ ٻيهر هاءِ ڪورٽ اچي ان کي چيلنج ڪرڻ جا حڪم ڏنا.

بقايا سنڌيار 36

هرمحاذ تي ڌرتي جو نالو روشن ڪيو آهي پوءِ چاهي اهو جنگ جو ميدان هجي يا راند يا علم ادب جو ميدان هجي وري انهن ٽنهي ميدانن ۾ جي انهن ماڻهن جو ذڪر ڪجي جيڪي غلامي جي صورت ۾ سنڌ ۾ آندا ويا جنگ جي ميدان ۾ جنرل هوش محمد شيدي عرف هوشو شيدي جيڪو انگريزن سان وڏي بهادري سان ورهيو جڏهن تہ راند يعني سنڌ جي قومي ۽ ثقافتي راند ملهہ آهي جنهن ۾ انب شيدي جو هڪ منفرد مقام آهي انب شيدي ،بڪر شيدي جي خاندان مان مل پهلوان غلام حسين شيدي پنهنجي دور ۾ وڏو نالو ڪمايو ڪيس وڏن انعامن سان نوازيو ويو ان وقت ميرن جي دور ۾ مل راند کي تمام وڏو اوج حاصل هو مير ٽالپر پهلوان تيار ڪندا هئا بعد ۾ انهن جا مقابلا ڪرائيندا هئا ۽ وڏين انعامن سان نوازيندا هئا مل راند جو تاريخي پسمنظر جانچڻ لاءِ جي تاريخ سان تعلق رکندڙ پهلوان شير شيدي انب شيدي ،بڪر شيدي ،غلام حسين شيدي جي ابن ڏاڏن جو تعلق آفريڪا جي شيدي قبيلي سان تعلق رکندڙ هئا ان ڪري پذيرائي ملڻ گهرجي ها پر افسوس اها ملي نہ سگهي هن سخت دور ۾ پهلوان غلام حسين شيدي کي نظر انداز ڪيو ويو آهي. هن وقت هو انتهائي مفلسي واري زندگي گذاري رهيو آهي اڪين جي نور کان محروم آهي سندس ٻچا بکون ڪاٽي رهيا آهن ثقافت کاتي ۽ خاص ڪري ضلعي ٺٽي جي قيادت جناب ضلعي چيئرمين وڏيرو عبدالحميد پنهور، اڳواڻ اي ايم پي علي حسن زرداري سردار جام اويس جوکيو کي اپيل آهي تہ منهنجي مالي مدد ڪئي وڃي

پيپلز پارٽي ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جي پوليٽيڪل سيڪريٽري جميل احمد سومرو، ميئر ميونسپل ڪارپوريشن لاڙڪاڻو ايڊووڪيٽ انور علي نواز لهر، ڊپٽي ميئر محمد امين شيخ، ميونسپل ٽائون ڪاميٽين جي چيئرمينن شاهہ رخ سيال، وقار ڀٽو، سرائي سرفراز ڪوڪر سميت ميونسپل ڪارپوريشن جي عهديدارن، ملازمن ۽ مختلف مڪتبہ فڪر جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ جميل احمد سومرو ۽ ميئر ايڊووڪيٽ انور علي نواز لهر طرفان ميونسپل ڪارپوريشن جي رٽائرڊ ملازمن ۾ 4 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ گريجوئيٽي جون چيڪون ورهايون ۽ مون سون برسات دوران شهر اندر خدمتون سرانجام ڏيندڙ ميونسپل ملازمن کي مڃتا ايوارڊ پڻ ڏنا ويا. تقريب کي خطاب ڪندي ميئر ايڊووڪيٽ انور علي نواز لهر ۽ جميل احمد سومرو چيو تہ مڪاني نظام سنڀالڻ سان ئي لاڙڪاڻو ميونسپل ڪارپوريشن جي پراڻن مسئلن کي حل ڪيو پيو وڃي جيئن ملازم وڌ کان وڌ محنت ڪري پنهنجو حصو جوڪر ڪري لاڙڪاڻي شهر کي ترقي وٺرائن. هن چيو تہ مون سون برسات دوران ميونسپل ڪارپوريشن جي ملازمن جون خدمتون مثال هيون.

ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن
آفيس آف دي ڊائريڪٽر ڪانٽريڪٽ مينجمينٽ
انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ

ايڊريس:اولڊ ڪي بي سي اي بلڊنگ گرائونڊ فلور، ساماهون سوڪ سينٽر ۽ واقع KW&SB
آفيس، گلشن اقبال ڪراچي، فون نمبر: 99232426
No.Dir(CM)/ED/KMC/07/2023 Dated: 01/08/2023

ٽينڊر گهرائڻ نوٽيس

مهربند ڪور ۾ شيڊول پلس آفريٽ جي بنياد تي سنگل اسٽيج ون لفافي جي طريقي سان هيٺين ڪمن لاءِ معزز ۽ تجربيڪار فرم / صحيح PEC ۽ C-6 ان کان مٿي لاڳاپيل ڪيٽيگري ۾ (CE-01, CE-09 ۽ CE-10) ٺيڪيدار وٽ NTN سرٽيفڪيٽ، صحيح پروفيشنل ٽيڪس سرٽيفڪيٽ، سنڌ روينيو بورڊ وٽ رجسٽرڊ ۽ گهٽ ۾ گهٽ 3 سالن جي ٽرن اوور جو بيان هجي تن کان ٽينڊر گهرائجن ٿا.

سيريل نمبر	ٽينڊر ريفرنس نمبر	اسڪيم جو نالو	ڪٿيل لاڳت (روپيا) ملين ۾	بڊ سيڪيورٽي	ٽينڊر لاڳت (روپيا)
01	Dir(CM)ED/KMC 126/2023-24	مين ڪي ايم سي هيڊ آفيس ايم اي جناح روڊ ڊسٽرڪٽ ڪي ايم سي جي ڪائونسل هال بلڊنگ ۾ ميئر/ڊپٽي ميئر آفيس جي رينوويشن/ريپيئر/مينٽيننس	20.000 ملين	واڪاڳهہ جو 5٪	5000 روپيا
02	Dir(CM)ED/KMC 127/2023-24	ڊي ايم سي سائوٿ کان وفاق اردو ڪاليج هيرا لعل گناترا روڊ ضلعي ڏکڻ ڪراچي تائين بي اينڊ آر ڊپارٽمينٽ کان اسٽروم واٽر ڊرين جي تعمير	20.000 ملين	واڪاڳهہ جو 5٪	5000 روپيا

ٽينڊر شيڊول هن ريت هوندو

شيڊيول	تاريخ ۽ وقت	هنڌ
1. ٽينڊر دستاويزن جو اجراءِ، درخواستن جي وصولي	10.08.2023 کان 24.08.2023 آفيس وقت دوران	آفيس آف دي ڊائريڪٽر ڪانٽريڪٽ مينجمينٽ، ڪي ايم سي واقع ايٽ اولڊ KBCA بلڊنگ گرائونڊ فلور، ساماهون سوڪ سينٽر ۽ پرسان KW&SB مين آفيس گلستان اقبال ڪراچي.
2. ٽينڊر ڊراپ ڪرڻ	25.08.2023 تي 2:30 وڳي	آفيس آف دي چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي، پرسان اولڊ KBCA بلڊنگ گرائونڊ فلور، ساماهون سوڪ سينٽر ۽ پرسان KW&SB مين آفيس گلستان اقبال ڪراچي.
3. ٽينڊر کولڻ	25.08.2023 تي 3:00 وڳي	آفيس آف دي چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي، پرسان اولڊ KBCA بلڊنگ گرائونڊ فلور، ساماهون سوڪ سينٽر ۽ پرسان KW&SB مين آفيس گلستان اقبال ڪراچي.

قابليت / لازمي معيار:

i. صحيح رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ جون 2023 تائين ۽ ان کان پوءِ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان لاڳاپيل ڪيٽيگري ۾ ۽ خاص ڪوڊس جيئن ڪم جي خلاف ذڪر ڪيو ويو آهي.
ii. ڪم جي گهٽ ۾ گهٽ هڪڙي هڪڙي نوعيت واري ڪم جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت 80٪ ڪم جي تخميني لاڳت جي گهٽ ۾ گهٽ يا گهٽ ۾ گهٽ ٻہ هڪڙي نوعيت واري ڪم جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت 50٪ اندازي جي قيمت گذريل پنجن سالن لاءِ# مڪمل طور تي مڪمل ٿيڻ جي سرٽيفڪيٽ سان، تصديق ٿيل ڪابي بول جي تشخيص رپورٽون ۽ SPPRA ID جي.
iii. بائيو ڊيٽا انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جو فرم سان ڪم ڪندڙ جيئن گهربل هجي ۽ بڊنگ دستاويزن ۾ ذڪر ڪيل هجي.
iv. سراسري سالياني ٽرن اوور گهٽ ۾ گهٽ گهٽ ۾ گهٽ نہ هجي گذريل ٽن سالن دوران اسڪيم /پروجيڪٽ جي برابر لاڳت کان (ٽرن اوور جو اندازو سالياني ريٽرن ۽ آڊٽ رپورٽن مان ڪيو ويندو).
v. (ICAP) رجسٽرڊ آڊٽ فرمز کان گذريل ٽن سالن جي سالياني آڊٽ ٿيل رپورٽون. (ICAP) رجسٽرڊ آڊٽ فرمز کان سواءِ جاري ڪيل آڊٽ رپورٽون قبول ڪيون وينديون.
vi. مشينري ۽ سامان جي فهرست ان جي ملڪيت / ڪرائي تي ڏنل دستاويزي ثبوت سان گڏ.
vii. گذريل ٽن سالن لاءِ بئنڪ اسٽيٽمينٽ مهيا ڪيو وڃي.
viii. NTN سرٽيفڪيٽ وفاقي بورڊ آف روينيو جي فعال حيثيت سان.
ix. گذريل ٽن سالن جي سالياني انڪم ٽيڪس ريٽرن کي مهيا ڪيو وڃي.
x. صحيح رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ سنڌ روينيو بورڊ حڪومت سنڌ (SRB) وٽ فعال حيثيت سان.
xi. بوليءَ جي هر صفحي تي مالڪ/نمائندي طرفان مهر لڳل ۽ دستخط ٿيڻ لازمي آهي.
xii. بولي ڏيندڙ سان گڏ هجڻ ضروري آهي اصل بڊ سيڪيورٽي (هرڪم ۾ ڄاڻايل رقم) هڪ واحد پي آرڊر/ڊيمانڊ ڊرافٽ، ڪال ڊيپازٽ يا بينڪ گارنٽي جي صورت ۾ جيڪو هڪ شيڊول بينڪ طرفان ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي حق ۾ جاري ڪيو ويو آهي (سواءِ هڪ پگهار جي آرڊر/ڊيمانڊ ڊرافٽ، ڪال جمع يا بئنڪ گارنٽي قبول نہ ڪئي ويندي).
xiii. بولي ڏيندڙ کي لازمي طور تي لفظ ۽ انگ اکر ٻنهي جي شرح جو حوالو ڏنو وڃي جنهن ۾ وڌ ۾ وڌ ٻہ ڊيسيمل رکي صرف ٽيون ڊيسيمل جڳهہ تي غور نہ ڪيو ويندو.

شرط ۽ ضابطا:

1. بڊنگ جا دستاويز ۽ ٻيون شرطون ۽ شرطون SPPRA جي سرڪاري ويب سائيٽ تان ڏسي يا ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿيون. ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي حق ۾ پي آرڊر جي شڪل ۾ 5000 پاڪستاني روپين جي رقم جي ٽينڊر جي فيس ضرور شامل ڪئي وڃي. ٻي صورت ۾ ٽينڊر جا دستاويز SPPRA / PPMS ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا ۽ ڏنل تاريخ ۽ وقت جي جاءِ تي هن NIT ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا پي آر آرڊر آف ٽينڊر لاڳت سان گڏ جيئن مٿي ڄاڻايل آهي ٻي صورت ۾ ٽينڊر رد ڪيو ويندو.
2. ٽينڊر پروڪيورمينٽ ڪميٽي/ حصو وٺندڙ ڪانٽريڪٽرز/ فرمز ۽ انهن جي بااختيار نمائندن جي موجودگي ۾ کوليا ويندا، جيڪي شايد موجود هجن.
3. پي آرڊر/ڊيمانڊ ڊرافٽ، ڪال ڊيپازٽ يا بينڪ گارنٽي قبول ڪندڙ بولي ڏيندڙ جي، پروڪيڪ شرح جي ڪري رد ٿيل ڪامياب بولي ڏيندڙ کي ڪم آرڊر جاري ٿيڻ کان پوءِ واپس ڪيو ويندو
4. پروڪيورمينٽ ڪميٽي جو ڪو ب ميمبر اوپننگ جي تاريخ تي هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر هجڻ جي صورت ۾ بل جمع ڪرايو ويندو ۽ ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي شيڊول تي کوليو ويندو
5. گڏيل منصوبي جي اجازت ڏني ويندي.
6. تازو حلف نامو(اصل ۾) ان اثر سان تہ پيش ڪيل سڀئي دستاويز / تفصيل / مشينري معلومات صحيح ۽ صحيح آهن. ڪمپني / فرم پاران مهيا ڪيل بوگس / ٽيمپرڊ يا غلط معلومات / سرٽيفڪيٽ جي صورت ۾ ڪنهن ب اسٽيج تي بليڪ لسٽ ٿيڻ جا ذميوار هوندا .
7. جڊيشل اسٽامپ پيپر تي مالڪ جا تفصيل CNIC سان گڏ هڪ نمائندي کي مالڪ کان عدالتي اسٽامپ پيپر تي اختيار هجڻ گهرجي. جڊيشل اسٽامپ پيپر کان سواءِ اٿارٽي قبول نہ ڪئي ويندي ۽ اهڙو ٽينڊر قبول نہ ڪيو ويندو
8. فرم جي صورت ۾ ڊائريڪٽرن/پراپرائٽرز جا مڪمل تفصيل ڏيڻ يا پاور آف اٽارني سان لاڳاپيل ٻيا. اڪيلي مالڪ هجڻ جي صورت ۾ اهڙي قسم جو معاهدو تازو حلف نامي تي (اصل ۾) پيش ڪيو وڃي.
9. تازو حلف نامي (اصل ۾) تي ضابطو آڻڻ تہ فرم /ڪمپني في الحال ڪنهن ب سرڪاري کاتي طرفان بليڪ لسٽ نہ ڪئي وئي آهي چاهي وفاقي هجي يا صوبائي.
10. ٽينڊر مٿي ڏنل گهربل دستاويزن/معلومات سان گڏ جمع ڪرايا وڃن. جيڪڏهن اهڙن گهربل دستاويزن/معلومات مان ڪنهن ب قسم جي ڪا ب ڪوٽ هجي تہ پوءِ ٽينڊر پروڪيورنگ ڪميٽي طرفان غور نہ ڪيو ويندو ۽ تاريخ ۽ وقت ختم ٿيڻ کان پوءِ اهڙا دستاويز قبول نہ ڪيا ويندا.
11. جي صورت ۾ ، ڪنهن ب سبب جي ڪري، مٿين تاريخن تي ڪو ب ٽينڊر وصول نہ ڪيو ويو آهي. جمع ڪرڻ ۽ کولڻ جي ايندڙ تاريخ ساڳئي وقت ۽ جڳهہ تي 12.09.2023 هوندي. جيئن مٿي ڄاڻايل آهي ۽ ٽينڊر دستاويز وڪرو ڪرڻ لاءِ دستياب هوندا 11.09.2023 تائين (دفتري ڪلاڪن دوران).
12. مجاز اٿارٽي SPPRA ضابطن جي لاڳاپيل روزي جي تابع ڪنهن ب يا سڀني تجويزن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.
13. غير سيل ٿيل احاطي ۾ حاصل ڪيل تجويزون تفريح نہ ڪيون وينديون ۽ شيڊول جي تاريخ ۽ وقت کان پوءِ ڪابہ تجويز وصول نہ ڪئي ويندي.

ڊائريڪٽر ڪانٽريڪٽ مينجمينٽ
انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ، ڪي ايم سي

پڙهندي سنڌ تہ ۰۰۰ وڌندي سنڌ

INF/KRY#3521/2023



روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار Reg No 2677 Daily SINDHYAR Karachi NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر بہ شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي بہ سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جي عيوض نمائندا نہ گهرجن، پر جنهن وقت بہ ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ بہ ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671
sindhyarnews@gmail.com